# موهن جي دڙي جو خزانو



ڪرشن چندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# موهن جي دڙي جو خزانو

(ڪهاڻيون)

## ڪرشن چندر

سنڌيڪار

زيب سنڌي

سگند پبليڪيشنس، لاڙڪاڻو، سنڌ.

١٩٨٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

حق واسطا ترجمو ڪندڙ جي ٻلي

ڇاپو : پهريون
ڳاڻيٽو : هڪ هزار
ڇپجڻ جو مهينو : مئي ( ١٩٨٢ع )
ڇپائيندڙ : سڳنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، سنڌ.
ڇپيندڙ : سهڻي پرنٽرز، حيدرآباد، سنڌ.
ملڻ جو هنڌ : سڳنڌ ڪتاب گهر، جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ.

قيمت: ست رپيا

MOHAN JY DARI JO KHAZANO, and other Stories,
Writien in Urdu, by: Kirshin Chandar
Translation in Sindhi by: Zaib Sindhi .
Published by: Sugandh Publications, Larkana Snid. (Pak)
First Edetion, May 1982

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڪتاب نمبر ......
ڊالومل "موٽي" لائبريري
[illegible]

## ڪهاڻيون


١- عورت ۽ زال
٢- منزل ٢٧
٣- سزا ٤١
٤- موهن جي دڙي جو خزانو ٩٦
٥- جتي هوا نه هئي ٦٣
٦- تنهنجي نالي ۾ ٧٠
٧- خالي پينگهو ۽ ٻک ٧٧


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪيس پنهنجي قلم جي جادو تي ايترو ڀروسو نہ هجي ها تہ هو جيڪر سياست کي سدائين لاءِ ڇهتي ٻوي ها. اردوءَ ۾ انساني نفسيات جي نالي ۾ جڏهن عصمت چغتائي جي ’لحاف‘، منٽو جي ’ڪالي شلوار‘، ۽ اشڪ جي ’اُبال‘ جهڙيون ڪهاڻيون لکيون پئي وييون تہ ڪرشن چندر سماجي ڪهاڻيون لکي اردو ڪهاڻيءَ جو رُخ ئي ڦيرائي ڇڏيو. سماجي زندگيءَ جا ننڍا وڏا مسئلا سندس ڪهاڻين جا موضوع هئا. ڪلڪتي ۾ سياسي قيدين جي حمايت ۾ عورتن جي جلوس تي گولي هلي (١٩٤٩) تہ ’برهم پتر‘ لکيائين، بمبئي ۾ ٽيڪسٽائيل مزورن جي هڙتال تي (١٩٥٤) تہ ’سرخ ڦول‘ لکيائين، اپريل- جون ١٩٤٨ع ۾ هن سينسرشپ ۽ شهري حڪام جي تشدد خلاف ’بت جاڳتي هين‘ لکي. ڪرشن چندر انهن ڪهاڻين ۾ اردو ڪهاڻي کي نئون موڙ ڏنو.

’مهالڪشمي ڪي پُل‘ ۾ هو چوي ٿو:

”اوهان هن پل جي ساڄي - کاٻي ٻنهي طرفن کان ڏسو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کان پڇو تہ اوهان ڪهڙي طرف وڃڻ ٿا چاهيو؟ مان رڳو اهو پڇڻ ٿو گهران تہ اوهان مهالڪشمي جي پل جي ساڄي طرف آهيو يا کاٻي طرف؟“

”مهالڪشمي جي پل جي ساڄي طرف بورجوائي آهن. اِهي آهي ماڻهو آهن جن جا ڪارخانا ۽ جائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيون آهن ۽ دولت آهي ۽ کاٻي پاسي محنت ڪش ۽ پورهيت انسان آهن.“ ڪرشن چندر پنهنجي هڪ نہ پر انيڪ ڪهاڻين ۾ پڌرو ڪيو آهي تہ هو پُل جي کاٻي پاسي وارو ليکڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

طرح جي ڪردارن سان واقفيت ٿيندي رهي ٿي • ڪرشن چندر جو رچنا- سنسار ايڏو ته وشال آهي جو سندس ڪهاڻين ۾ مزور ۽ هاري ملن ٿا، نوجوان ۽ ٻڍا ملن ٿا، ڪلارڪ ۽ آفيسر ملن ٿا، يتيم ۽ بيروزگار ملن ٿا. نه رڳو اهي پر سندس گڏهه ڪنهن به انسان کان گهٽ تهذيب يافته نظر نٿو اچي. سندس گڏهه نه رڳو بيوٽي ڪامپيٽيشن ۾ حصو وٺي ٿو پر جواهر لال نهرو ۽ چو-اين لائيءَ سان پڻ ملاقاتون ڪري ٿو ۽ زندگي، سياست توڙي بين القوامي سطح تي ڪجهه اهم سوال اٿاري ٿو. هڪ ڀيري ڪرشن چندر کان جڏهن پڇيو ويو ته تو پنهنجو هيرو گڏهه ڇو چونڊيو؟ ته وراڻيو هئائين، ”انهيءَ لاءِ جو سڀني جانورن ۾ مون گڏهه کي ئي وڏ يڪ عقلمند ڏٺو آهي. چوڻ لاءِ ته انسان ئي سڀ کان وڏ يڪ عقلمند مڃيو ويندو آهي پر انسان گڏريل ٻن جنگين ۾ جيڪي ڏٺو آهي، اهو ڏسي ۽ انهيءَ تي غور ڪري اهوئي محسوس ٿئي ٿو ته دنيا ۾ سڀ کان علقمند جانور گڏهه ئي آهي •

سندس طنز تمام تکي ۽ پُر اثر آهي • ’ٽائي ايسري‘ کان وٺي ’ايڪ گڏهه ڪي آتم ڪٿا‘ تائين سندس فن کي ارتقا پذير ٿيندي ڏسي سگهجي ٿي. ڪرشن چندر جا ڪردار ڪانئس مختلف ناهن. هڪ ڀيري ڪانئس پڇيو ويو، ”شڪست“ جو شيام ڪير آهي؟“

”مان!“ ڪرشن چندر وراڻيو •

”ٽائي ايسري؟“ ”مان...“ ”۽ اهو گڏهه؟“

”اهو به مان ئي آهيان •“

ڪرشن چندر ڪل وقتي ۽ گهڻ لکڻو ليکڪ هو. پنهجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

شروعاتي ناول 'شڪست' هن ڪشمير جي گلمرگ هوٽل ۾ رهي فقط ٢١ ڏينهن ۾ لکي پورو ڪيو هو، جنهنجا پوءِ ڪيترائي ڇاپا شايع ٿيا. سنڌس لکڻين تي ڪيس ١٩٦٦ع ۾ سوويت ليئنڊ نهرو اوارڊ به مليو.

پنهنجي عادتن جي باري ۾ ڪرشن چندر بمبئيءَ ۾ هن ريت لکيو آهي:

"عادتون سٺيون نه اٿم. ٿڌڪندو گهٽ آهيان، ڳالهائيندو گهٽ آهيان. ڪافي ڪوشش جي باوجود به بدن جا ڪپڙا صاف نه رهندا اٿم. نشي ڪان پرهيز ناهي پر پينگ ۽ چرس نه پيئندو آهيان. گهڻو ڪري بيمار رهندو آهيان ۽ افسوس انهيءَ ڳالهه جو اٿم ته اخبارن ۾ منهنجي باري ۾ بليٽن نٿي ڇپجي."

سنڌس ڀاءُ مهيندر ناٿ، ڀيڻ سرلا ديوي (جن جو ديهانت ٿي ويو آهي) ۽ سنڌس زال سلميٰ صديقي اردو ۽ هنديءَ جا مڃيل ڪهاڻيڪار آهن.

تازو ڪرشن چندر جو ٨ مارچ ١٩٧٧ع تي بمبئي ۾ ديهانت ٿي ويو آهي.

١٦ جون ١٩٨٢ع

٢ شمس چيمبرس، ٿماڙ
رسالا روڊ حيدرآباد، سنڌ.

ولي رام ولڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# عورت ۽ زال

جڏهن هو سڪ گاڏيءَ جو در کولي اندر آيو، ته سندس هلڻ جي انداز منجهان مون محسوس ڪري ورتو ته هو فوج ۾ رهي چڪو آهي. سندس شخصيت ڏاڍي پروقار هئي. قد ڇهن فوٽن کان به مٿيرو، رنگ ڀورو ڳاڙهسرو، اڇي نوراني ڏاڙهي. هن کي ڪارو گرم وڳو پهريل هو، ۽ دٻي جي وچ ۾ روشنيءَ تي سندس پڳ جي ورن ۾ ابرڪ جا ذرڙا چمڪي پيا....

هو پورا سارا قدم کڻندو، منهنجي پرسان اچي ويٺو. جهڪي، سيٽ جو نمبر پڙهيائين ۽ سڪون جو ٿڌو ساهه پري سيٽ تي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. سيٽ سندس وزن سبب پوئتي ٿي وئي. هن وڏيڪ سڪون وارو ساهه کڻي موڏانهن ڏسندي چيو، ”هي پوئتي ٽيڻ واريون سيٽون ڏاڍيون سٺيون آهن.“

مون پنهنجي دکندڙ سگريٽ، جنهن کي مون ان مهل ٺي دکايو هو، وسائي ڇڏيو. پوڙهي سڪ موڏانهن ڏسي مرڪي ڏنو ۽ چيائين، ”مهرباني. مونکي سگريٽ جو دونهون واقعي ڏاڍو خراب لڳندو آ.“

جڏهن هو مرڪيو، تڏهن مونکي سندس ڏند ڏاڍا سهڻا لڳا. بيحد سفيد ۽ مضبوط ڏند. هن پوڙهي سڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڪائي نڪتو هوس، پر وري ٿوري بـڪ ته محسوس
ڪيان." هن ڪلي مونکي چيو.

"۽ مان انهيءَ ڪري ته دير سان ڪاوان جو مونکي
بک ئي نه لڳي هئي." مون جواب ڏنو.

اسان پئي ڊائيننگ ڪار ۾ وڃي ويناسين. اتي بيرن
کان سواءِ بيو ڪوبه نـه هو، چـڙو هڪڙي ڪنڊ ۾
هڪڙو نوجوان جوڙو ڪافي پي رهيـو هــو؛ ۽ ٿوري
ٿوري ديـر کان پوءِ گڙڪيءَ کان ٻاهر پورن ماسيءَ
جو چنڊ ڏسي رهيو هو. ڇوڪريءَ جو هٿ ڇوڪري
جـي هٿ ۾ هـو، جنهن کي هن هر هر زور تي ڏنو.
هٿ کي زور اچڻ مهل ڇوڪريءَ جي ڇهري تي وڻندڙ
مرڪ ڦهلجي ٿي وئي- ۽ مونکي ايئن ٿي محسوس ٿيو،
ڄـڻ ڇوڪري جي هٿ ۾ ڪو بـٽـڻ آ، جـنـهن کي
دٻائڻ سان اها مرڪ بجليءَ جيان روشن پئي ٿي پوي.
ڇوڪريءَ جا وار ڏاڍا خوبصورت نموني ڪٽيل هئا،
۽ اها وڻندڙ ڇوڪري منهن مهانڊي کان اهڙي هندستاني
عيسائي ڇوڪري لڳي رهي هئي، جنهن ۾ يورپي رت
جو بـه دخـل هجي. ڇوڪرو هندستاني هـو، سانورو،
نڊي قد پر مضبوط جسم وارو، گهاٽا چمڪندڙ وار، ۽
ويڪري منهن تي ڏاڙهيءَ جي نيراڻ هئس. سندس وارن
جي حجامت بلڪل تازي هئي؛ لڳو ٿي ڄـڻ اڄ ئي
وار ڪترائي آيـو هـو. ڪپس صاف ستترا ڪپڙا پهريل
هئا، ۽ سندس لونءَ لونءَ منجهان زندگيءَ جي صحتمند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

سموڪنگ روم ۾ وڃي ويو هو جو هنن جي وچڻ ڪان پوءِ ڊائننگ ڪار وڏيڪ ويران لڳي رهي هئي ۽ ڳڙکي جي سامهان بيٺل چنڊ ايئن ٿي لڳو، ڄڻ ڇـڙو هنن جي ڪري ئي اتي بيٺو هو. مون هٿ وڌائيءَ ڳڙکيءَ تي پردو ڏئي ڇڏيو.

پوڙهي سِک مونڏانهن ڏسي مرڪي ڏنو، پر خاموشيءَ سان ماني کائيندو رهيو. مانيءَ کان پوءِ پوڙهي سِک ڪافي گهرائي، ۽ مان سگريٽ پيئڻ لاءِ سموڪنگ روم ۾ هليو ويس. سموڪنگ روم ۾ اهو نوجوان ڇوڪرو، ڇوڪريءَ کي چمي رهيو هو، ۽ ڇوڪريءَ جي اکين منجهان لڙڪ ٿي ٽميا.

ڇوڪري ڪائنس حيرت منجهان پڇيو، ”هي ڳوڙها....؟“

”ڪجهه ناهي- بس ائين ئي ... “ ڇوڪريءَ لڙڪ اگهندي چيو، ۽ پوءِ ٿهڪ ڏئـي کلي پئي ۽ وري سندس ڇهري تي مِن موهيندڙ مرڪ پکڙجي وئي.

ڇوڪري وري کيس ڪس ڪيو- ڇوڪري ٿورو ڏڪي، ۽ پوءِ چيائين، ”هل ڊارلنگ، اندر هلون هتي سردي آ ....“ هن پنهنجي نظرن سان، خاموشيءَ سان مونڏانهن اشارو ڪيو- مان ٻي ڳڙکيءَ مان ظاهري طور تي پورن ماسيءَ جو چنڊ ڏسي رهيو هوس. ڇوڪري مون ڏانهن اهڙي ڪاوڙ منجهان ڏٺو، ڄڻ مونکي ڇڙو وهائي ڪيندو- پوءِ هن آهستگيءَ سان ڇوڪريءَ جي چيلهه ۾ هٿ وڌو، ۽ کيس وٺي اندر گاڏيءَ ۾ هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ٿوري دير کان پوءِ گارڊ گاڏي ۾ آيو. هن سموريون بتيون وسائي ڇڏيون، پر ٻاهر چنڊ پوريءَ طرح ڪڙيل هو، ۽ ٿڌي چانڊوڻ منجهه ويٺل ماڻهن جا چهرا خاموش ۽ ٿڪل لڳي رهيا هئا. مون چيو، ”مونکي چانڊوڪيءَ ۾ ننڊ نه ايندي آ، ڳڙکيءَ تي پردو ڏئي ڇڏيان؟“

”ٿورو ترس.“ پوڙهي سڪ ڏاڍي مٺر ۽ سوز ڀريل آواز ۾ چيو، ”هي چوڏهينءَ- جي رات ڏاڍي پيوائتي آ، پر ڏاڍي خوبصورت آ- مونکي انهيءَ کان ڊپ لڳندو آ، پر مان ڪيس ڏسڻ به چاهيان ٿو .... ٿوري دير چنڊ ڏسي وٺان!“

”چنڊ ته نوجوان ماڻهو ڏسندا آهن، اها تو اسانجي ڏسڻ جي شيءِ ناهي.“ مون دک منجهان چيو.

پوڙهي سک مرڪي ڏنو. سندس کاٻو ڳل چانڊوڪيءَ ۾ هو، ۽ صليب جو نشان ڏاڍو گهرو نظر اچي رهيو هو- ساڄي ڳل جي V اونده ۾ گم هئي.

مون چيو، ”تنهنجي ڳلن جا هي نشان جنگ جي نشاني ته ناهن؟“

”جنگ!“ پوڙهي سک مونڏانهن ڏسي پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿيندي چيو، ”ها- جنگ ئي ته هئي ....“ هن آهستي چيو.

”ڪهڙي جنگ؟“ مون پڇيو ”پهرين مهاڀاري لڙائي يا ان کان به اڳ جي؟“

”مان فوج ۾ ته ڪڏهن به رهيو ئي ناهيان!“ پوڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

سک آهستي وراڻيو،
منهنجو اندازو غلط نڪتو، انڪري تجسس وڌي ويم. پڇيومانس، ”تڏهن هي نشان ڇا جا آهن؟“
پوڙهي سک هيڏانهن هوڏانهن ڏنو، ڇند پنهنجي جاء تي هو، ڳڙڪي پنهنجي جاء تي هئي، مسافر پنهنجي پنهنجي سيٽ تي ستا پيا هئا. اسان کان چار- پنج سيٽون اڳتي هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ ساڳيو ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پنهنجي پنهنجي سيٽ تي ويٺا هئا. ڇوڪريءَ جو ڪنڌ ڇوڪري جي ڪلهي تي هو ۽ ڇوڪري جي ٻانهن ڇوڪريءَ جي ڪلهن تي. ٻنهي جون اکيون ٻوٽيل هيون.
پوڙهو سک مون کان پڇيو، ”هي قصو ضرور ٻڌندين؟“
”جيڪڏهن توکي ننڊ نٿي اچي ته ضرور ٻڌاء!“
”هڙي چاندوڪيءَ ۾ مونکي ننڊ ته قطعي نه ايندي!“ پوڙهي سردار ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو. پوءِ هن هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”چڱو ته ٻڌ- تون مون لاءِ قطعي اڻ سونهون آن، انڪري توکي ٻڌائڻ ڪو مسئلو ناهي.“
گاڏي جي ڳڙڪين ۾ ٻٽا شيشا لڳل هئا، جنهن ڪري گاڏيءَ جي ڇڪ ڇڪ ڏاڍي مٺي ۽ مڌر لڳي رهي هئي، ۽ گاڏيءَ جي ٻنهي پاسن کان ڦهليل ٿڌي ٿڌي چاندوڪيءَ ۾ ڪارا ڪارا وڻ پنهنجون شاخون ويڙهيون، ڪنڌ جهڪيل ڏوهارين جيان بيٺا هئا. سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڪنهن ۾ ستل نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”جوانيءَ ۾ مان به انهي وانگر هوس، بي‌فڪر، لاپرواهه ۽ پنهنجي مرضيءَ وارو. منهنجو پيءُ گجندر سنگهه ديهه جاصلان جو تپيدار هو ۽ ان کان سواءِ چڪ نمبر ٣٧ به سڄو سارو اسانجي ملڪيت هو. گهر ۾ ڪاڏي پيتي جي ڪا کوٽ نه هئي. جيتوڻيڪ بابي مونکان بي - اي پاس ڪرائي هئي، پر مونکي شروع کان ئي پنين ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو. قلم بجاءِ منهنجا هٿ رنبو هلائڻ ۾ پڙ هئا، خبر ناهي، مون بي - اي ڪيئن پاس ڪري ورتي هئي! بابي جي خواهش هئي ته مان فوج ۾ ڀرتي ٿيان ۽ ڪرنل ٿيان، پر مونکي پنين جي زندگي ئي پسند هئي. مٽيءَ جي وٺندڙ سڳنڌ، ماڪ ۾ پنل پن، پريان پريان دڙن تان پاڻي ڀري ايندڙ عورتون جون قطارون ۽ منهنجي سونهري گهوڙيءَ جي وٺندڙ چال، ڪچن رستن تي هلڪي هلڪي رڙي اڏائيندڙ... اوهه....“

مون چيو، ”تون پنهنجي جوانيءَ ۾ ڏاڍو سهڻو هوندين! عورتون ته توتي مرنديون هونديون؟“

پوڙهي اداس مرڪ سان وراڻيو، ”اهو ته مونکي ياد ڪونهي ته ڪنهن مون سان محبت ڪئي هجي. پر ها، مون هڪ ڇوڪريءَ سان محبت ضرور ڪئي هئي.“

”ڪير هئي آها؟“

”منهنجي زال هئي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”زال!؟“

”جڏهن مان ٻي- اي ڪري ڳوٺ واپس وريس، تڏهن بابي چڪ جهمران جي ٽپيدار جي ڌيءَ پريتوءَ سان منهنجي شادي ڪرائي ڇڏي، پريتو ڏاڍي سهڻي ڇوڪري هئي- ڊگهي، گوري ۽ پرڪشش: پر مان ته سندس اکين تي موهت هوس!“

”انهن اکين ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه هئي؟“ مون پڇيو.

”بظاهر ته ڪا خاص ڳالهه نه هئي، بس وڏيون ۽ ڪاريون هيون-“

”اهڙيون اکيون ته گهڻن عورتن جون هونديون آهن، پر خاص ڳالهه ڪهڙي هئي؟“

”چئي نٿو سگهجي! انهن اکين جو رنگ .... نه نه، انهن اکين جو لهجو ڪجهه عجيب هو!“

”اکيون ڳالهائينديون به آهن!؟“

”ڳالهائينديون ته نه هيون، پر ڳالهائڻ چاهينديون هيون- ايئن لڳندو هو، ڄڻ هو مونکي ڪجهه چوڻ ٿيون گهرن، پر چونديون ڪجهه به نه هيون- هر وقت ڄڻ سپنا ڏسنديون هجن!؟“

”جوانيءَ ۾ سڀئي اکيون سپنا ڏسنديون آهن!“ مون چيو.

”ها، پر سڀني جا سپنا ڀيا ڀيا هوندا آهن.“ پوڙهي آهستي چيو، ”مان ته پنهنجي پريتوءَ تي موهت هوس-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ٻاچو ٻاهر ويندي نظر آيو! مان اکيون مهٽي اٿي ويهي رهيس، واهگرو! هي ڇاهي؟ ڪجهه سوچي مان هٿ ۾ تان اٿيس. ڪرپان وهاڻي هيٺيان ڪڍي ٻاٿم ۽ آهستي دروازو کولي ٻاهر نڪري ويس.

”ٻاهر اڄ جهڙي ئي چانڊوڪي هئي. انتهائي سڳنڌ ڀريل چانڊوڪي رات. سرنهن جي وٽن ۾ لڪل آکيرن ۾ ڪنهن مهل ننڊاکڙي حالت ۾ چون چون ٿي ٿي ڪئي، پر سنڌن جهرڪن تڪڙ ۾ ڪين هنيج ۾ ڀري ٿي ورتو. منهنجا پير ماڪ ۾ ڀڄي ويا هئا، ۽ منهنجي چوڌاري سرينهن جون ساوين ساوين مکڙيون جهومي رهيون هيون، ۽ مان ٻنين منجهان ٻنهنجي پريتوءَ جي ڪڍ وڃي رهيو هوس— ڀهرين مون سوچيو، هوءَ ٻنيءَ ۾ ڪنهن ضروري ڳالهه ڪان جان ڇڏائڻ ٿي وڃي .... پر جڏهن هوءَ ٻي ٻنيءَ کان به اڳتي وڃي، سڪي نالي کان ٽپي، دڙيءَ جي پٺيان گم ٿي وئي تڏهن مونکي عجيب قسم جي حيرت ۽ ڳڻتي ورائي وئي ۽ دل کي ٿورو ڌڪ لڳو، هاڻي مان ڏاڍو آهستي آهستي ۽ هوشياريءَ سان سندس ڪڍ وڃڻ لڳس، جيئن ڪيس سڌ نه پوي ته ڪو سندس پٺيان پيل آهي- مون ٻنيءَ کان اڳتي وڌي سڪو نالو پار ڪيو، ۽ پوءِ دڙي جي پٺيان وڃي اڳتي نظر ڊوڙايم— سامهان سرينهن جون ٻنيون هيون، ٻنين جي وچ ۾ هڪ کوهه هو، کوهه جي ڀرسان ٿورو لوڙهو ڏنل هو، لوڙهي جي

۽ مان ان کي وري ميانڻ ۾ وجهي هنڌ تي اچي سمهي پيس.

”مني ڪلاڪ کن کان پوءِ پريتو آهستي آهستي ڪمري ۾ اندر آئي. مان جاڳي رهيو هوس، پر اکيون پوري ڏکيا ڏکيا ساهه کڻڻ لڳس. پريتوءَ در بند ڪري پهرين ته مونکي ڏيان سان ڏٺو، ۽ پوءِ منهنجي وهاڻي هيٺيان ڪريان ڪڍي ۽ کيس کولي ڏٺائين. ۽ جڏهن اها قطعي صاف لڳس تڏهن چڻ سندس دل جو خوف دور ٿي ويو، ۽ هوءَ منهنجي پاسهن تي مٿو رکي سمهي پئي. بلڪل پٿر جي سِرَ جيان.“

ڪجهه دير جي انتظار کان پوءِ مون ڏاڍي بيچينيءَ منجهان پڇيو، ”پوءِ ڇا ٿيو!؟“

”ڪجهه به نه- سندس پيءُ جيئن ته چڱو ڀلو ٿي چڪو هو، انڪري مان پريتوءَ کي وٺي، ٻئي ڏينهن ئي پنهنجي ڳوٺ هليو آيس، ۽ اسان ٻئي ڪل خوشيءَ سان گڏ گهارڻ لڳاسين- ڏينهن، هفتا، مهينا، سال گذري ويا، پر مون اها ڳالهه ڪڏهن به نه چوري- پريتوءَ ڪڏهن به مونتي نه اهو ظاهر ڪيو ته کيس ڪو شڪ ٿيو هو يا کيس ڪنهن به ڳالهه جو ڪو دک هو.

ها، هڪ ڳالهه ضرور ٿي ته انهيءَ واقعي کانپوءِ هوءَ ڪڏهن به وري پيڪي نه وئي. منهنجي يا پنهنجي پيءُ جي چوڻ تي به نه وئي. ۽ پريتوءَ جا پار، به پٽ ۽ هڪ ڌيءُ. ڏاڍا سهڻا هئا اسانجا پار، پرتاب ۽

ھئا، ۽ منجھيل وارن جي چڳ سندس ٽرڙ وٽان اڙڪي رهي هئي. انهيءَ مهل هوءَ مونکي ڏاڍي سٺي لڳي رهي هئي.“

”امان مونکي ٻيو ٻه ساڳ ڏي.“ دليپ پنهنجي ٿالهي وڌائيندي چيو. پرينتوءَ ساڳ جي ڏوئي ڀري دليپ جي ٿالهيءَ ۾ وڌي.

مون چيو، ”هربنس ماءُ! جيڪڏهن ٿوري ڪٺاڻ ملي وڃي ته مزو اچي ويندو.“

”ڪٺاڻ ته اندر ڪوٺيءَ ۾ پئي آ.“

”ٻوءِ چاهي، اندران وڃي ڪڍي آ.“

هن ٻڌي چيو، ”اندر ڏاڍي اونده آ، مونکي ڊپ ٿو لڳي!“

”ڊپ ٿو لڳئي!“ اوچتو بي اختيار منهنجي واتان نڪتو، ”هن مهل سڀني جي سامهان اندر ويندي ڊپ ٿو لڳئي پر انهي رات ٻنين منجهان اڪيلو ويندي ڊپ نه لڳو هوءِ!؟“ خبر ناهي مون اهو ڪئين چئي ڏنو هو. جنهن ڳالهه کي سالن تائين سيني ۾ سانڍيو هوم، ڪيئن اوچتو طعني جو روپ وٺي منهنجي وات تي اچي وئي!!

پرينتوءَ وڏي وڏي بس هڪ ڪن لاءِ مون ڏانهن چتائي ڏٺو، ۽ ٻئي پل مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ هوءَ ڪرپان کڻي اچي منهنجي مٿان بيٺي هجي- ٻوءِ اوچتو ئي اوچتو ڄڻ ڪنوڻ جهڙو ڪجهڪو ٿيو، ۽ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

مون پاڻ بچائڻ لاءِ ٻئي هٿ ڪٽي مٿي ڪيا.

هڪ، ٻه، ٽي دفعا ڪرپان منهنجي ڳلن تي اچي لڳي. مون پاڻ بچائڻ ڪاڻ هٿن سان ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪيم، رڙ ڪيم، پريتو! پريتو بس ڪر- پريتو بکئي شينهڻ جيان مونتي وسڪارو لائي ڏنو. آخر ڪاوڙ ۾ پيرجي مون ڪرپان سندس هٿن منجهان ڦري ورتي ۽ پنهنجي جسم ۽ روح جي سموري طاقت سان ٻه پيتوءَ جي ڪنڌ تي وار ڪيم. پريتوءَ جي سسي لهي وڃي هرٻنس جي گهوڙي جي پيرن ۾ ڪري، ۽ اتان منهنجي ٽالهيءَ ۾ اچي پئي ۽ ٽالهي اونڌي ٿي وئي ۽ سندس ڪارا وار منهنجي سامهان پکڙجي ويا." پوڙهو سک چپ ٿي ويو.

مان به خاموش رهيس. ڳڙڪي ۾ چنڊ به وحشي جن جيان خاموش بيٺو هو. گاڏي جي مسافرن جا چهرا سفيد ۽ ٿڪل هئا- ڄڻ اهي چهرا نه هئا، ڀرووپين جا خول هئا. گاڏي ٻنهين مان لنگهندي نامعلوم منزل ڏانهن وڌي رهي هئي.

گهڻي دير ڪان پوءِ پوڙهي سک ڏاڍي دلگير لهجي ۾ چيو "عورت ڪڏهن وساري نٿي سگهي! اهي ماڻهو عورت کي سمجهي نٿا سگهن جيڪي سمجهن ٿا ته هو ڪيس ڏولي ۾ سوار ڪري، هڪ ڪٺولي تي ليٽائي، چار ڀار چٽي سندس اکڙين جا سپنا ڪائنس ڦري ٿا سگهن! اهي ماڻهو عورت کي سمجهي نٿا سگهن- عورت

ڪڏهن به وساري نه سگهندي آ!“ پوڙهو سڪ چپ ٿي ويو، ۽ پنهنجي ڳل جي صليب تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

موڪي ائين لڳو، ڄڻ اها صليب ڏاڍي گهري، سندس دل ۾ کتل هجي! گاڏيءَ ۾ ايڏي خاموشي هئي جو منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. مون وات کولي ٻه - ٽي ڊگها ڊگها ساهه کنيا. پوءِ اوچتو منهنجي نظر ڪنڊ ۾ سٽل جوڙي تي پئي. ڇوڪريءَ جو هٿ اڃا تائين ڇوڪري جي هٿ منجهه هو، ۽ ڇوڪري جي ٻانهن ڇوڪريءَ جي ڪلهي تي هئي، ۽ ٻنهي جون اکيون بند هيون. اوچتو ڇوڪريءَ ڇوڪري جي ڪلهي تان مٿو کنيو، آهستگيءَ سان پنهنجو هٿ ڇوڪري جي هٿان ڪڍيائين ۽ ڇوڪري ڏانهن چتائي ڏٺائين. جڏهن کيس پڪ ٿي ته هو گهاٽي ننڊ ۾ آهي تڏهن ڇوڪريءَ ڪنڌ ورائي چند ڏانهن ڏٺو .... ۽ اهڙي حسرت منجهان ڏٺو جو سندس وڏندڙ مرڪ جي بلڪل ابتڙ هو! مان حيران ٿي ويس. اوچتو مون پنهنجي سامهان ڪرپان لٽڪندي محسوس ڪئي، ۽ ڊچي ڪٽي اکيون هيٺ ڪيم.

ٻي پل جڏهن مون اکيون کٽي ڏٺو ته ڇوڪريءَ پنهنجي ڳڙکيءَ تي ٻردو ورائي ڇڏيو هو. سندس چهرو اونڌهه ۾ هو. جيتوڻيڪ مان سندس چهرو ڏسي نٿي سگهيس، پر محسوس ڪيم ته هوءَ روئي رهي هئي.

# منزل

”توکي ڪهڙي قسم جي جڳهہ گهرجي؟“ مسواڙي جاين جي دلال مونکان پڇيو. هو مونکي تون ڪري ڪڏهن به نہ ڳالهائي ها، پر هنجو ڌيان منهنجي پراڻي سوٽ ڏي ڇڪجي چڪو هو.

”مونکي اهڙي جڳهہ گهرجي، جنهن ۾ ڪمرو نہ ڀل هڪڙو هجي، پر ان سان گڏ غسلخانو هجي، سامهون لان هجي، لان ۾ ساوي ڇپر هجي، ۽ ڇپر جي ڪناري گل هجن....“

”۽ گلن جي وچ ۾ هڪ ڇنٽي هجي، ۽ ڇنٽيءَ هيٺان هڪ سهڻي ڇوڪري ويٺي هجي؟“ دلال تصوير کي مڪمل ڪيو: ”مسٽر! توکي جڳهہ تلاش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي عقل جو ويمو ڪرائڻ گهرجي.“

’ماڻهو سمجهہ ڀريو ٿو لڳي—‘ مون مسواڙي جاين جي دلال ڏانهن تعريفي نظرن سان ڏسندي سوچيو.

دلال منهنجي ويجهو اچي آهستگيءَ سان پڇيو.

”مسواڙ ڇا ڏينديں؟“

”پنجويهہ رپيا—“

”پنجويهہ رپيا؟“ دلال زور سان رڙ ڪئي، ”پنجويهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

وارڊ روب، نيري پٿر وارو نجارو، ان سان لڳ هڪ ٻيو ڪمرو به هو- ٽيئي پيلي، گلابي، واڱڻائي ۽ چاڪليٽي رنگ جون هيون- انهيءَ ڪمري جي هڪ پاسي ٻار ننڍيل هئي- ان سان لڳ هڪ ٻيو ڪمرو هو، جنهن ۾ به پلنگ هئا- هڪ منهنجي لاءِ ۽ ٻيو منهنجي زال جي لاءِ- به ديوارن ۾ لڳل آئينا به هئا- پهريان به سال عشق ڪرڻ لاءِ ۽ پوءِ سڄي عمر ويچارا ڪيڻ لاءِ- مون فرش تي اڇي ٿيل بوٽ، ڪني پيٽي ڪوٽ ۽ ٻار جي .... جو تصور ڪيو- اهو تصور ايڏو ته خوبصورت هو جو تڪڙ ۾ غسلخاني جو در کولي ان ۾ گهڙي ويس-

غسلخانو ڏاڍو وڏو ۽ خوبصورت هو- فرش ۽ ديوارن تي بهترين ٽائيلس لڳل، سائي رنگ جي واش بيسن ۽ ساڳي رنگ جو باٿ ٽب- سامهون دريءَ مان هيٺين ماڙ جو ورانڊو، ۽ ورانڊي ڪان ٻاهر لان نظر اچي رهيو هو، جنهن ۾ سائي سائي چهر جي پاسن ڪان گل ٽڙيل هئا، جنهنجي پرسان ستن رنگن واري اس جي چٽيءَ هيٺان هڪ سهڻي ڇوڪري دنيا جو عظيم ادب، يعني هڪ جاسوسي ناول پڙهي رهي هئي- مون خوش ٿي چيو، ”واهه واهه! ڦاهو پائڻ لاءِ ڪيڏو سٺو هنڌ آ-“

پوءِ مون هڪدم پوئتي منهن ورائي دلال کان پڇيو،

”مسواڙ گهڻي ڏينديءَ؟“

”چار سٺ روپيا-“

”بيوقوف!“ مون ٽواڻيءَ مان چيو، ”مون توکي ڀنجويهه روپين واري جڳهه ڏيکارڻ لاءِ چيو هو.

دلال مونکي ڪجهه چوڻ بدران ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ لڳو.

ٻي جڳهه جيڪا دلال مونکي ڏيکاري، اها به ننڍڙي هئي. ڀورين جاءِ جهڙي ڳالهه ته منجهس نه هئي، پر ديوارن جو رنگ صاف سٿرو هو. ڪمرا فقط ٻه هئا، پر ٻنهي جا در هڪ ئي غسلخاني ۾ کليا ٿي. هڪ پاسي رڌڻو هو، ۽ رڌڻي کان ٻاهر ورانڊو ۽ ان جي اڳيان اڱڻ ۾ ڇپر.

”هن ۾ ڳالهه ڪهڙي آهي؟“ مون دلال کان پڇيو.

”ڳالهه اها آهي ته ٻاهر ٻوٽي سگهين ٿو.“ هن چيو، ”اس واري چٽي ٻاڻ خريد ڪري سگهين ٿو ۽ چٽيءَ هيٺان ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ بجاءِ پنهنجي زال کي وهاري سگهين ٿو.“

”ڳالهه ٻوڪڻ لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي.“ مون چيو، اس واري چٽيءَ لاءِ مون وٽ پئسا ڪونهن، ۽ زال؟ يار جيڪڏهن مونکي زال هجي ها ته مان جڳهه ڳوليان ها؟ ڪو رڌڻو نه وٺي ڳوليان ها؟ پر خير، جنهن ڪم لاءِ مونکي جڳهه گهرجي، انهيءَ لاءِ هي به ٺيڪ آهي، مان ڳالهه جي هڪ ڪونڊي رکي ڇڏيندس. ڪونڊيءَ جي مٿان اس واري چٽيءَ بدران پنهنجي ڪاري، ميري ميڻهن واري چٽي رکي ڇڏيندس، ۽ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

جي هيئن هڪ سهڻي ڇوڪري جو تصور به ڪري
ڇڏيندس- پر هن جي مسواڙ ڇا ٿيندي؟"

"اڍائي سئو روپيا_"

"بيوقوف! اڍائي سون واري جڳهه ڇو ٿو ڏيکارين؟
مونکي بس پنجويهه روپين واري جڳهه کپي_" ۽
دلال منهنجي ڳالهه جو ڪوبه جواب نه ڏنو- چپ
ڪري جڳهه کان ٻاهر نڪتو.

ٽين جڳهه جيڪا مون ڏٺي، انهيءَ ۾ سڀ کان
پهرين غسلخانو ٿي آيو- پوءِ ڏاڪڻ چڙهڻ کان پوءِ
هڪ ڪمرو ٿي آيو- ڪمري سان لڳ رڌڻو به هو،
جيتوڻيڪ هيٺ غسلخانو گهربو هو. جڏهن مون انهيءَ
سلسلي ۾ دلال کان پڇيو ته هن چيو، "هن علائقي ۾
جيڪي به گهر آهن، تن ۾ ڪمري سان گڏ رڌڻو آهي،
جڏهن ته غسلخانو ڏاڪڻ ۾ آ-"

"اهو ڇو؟"

"اهو ان لاءِ ته جيئن عورت رڌڻي منجهان هروقت
پنهنجي مڙس تي نظر رکي سگهي- ڏس، هن رڌڻي جي
برسان وارو ڪمرو، هيٺ وچڻ واري ڏاڪڻ ۽
ڏاڪڻ جي سامهون غسلخاني تائين سڀ ڪجهه نظر
اچي رهيو آ."

مون چيو، "خير ٿيو، مون ڪڏهن ڪاٿي زال نه
پالي آ، اڪري مان ڪنهنجي نظرداريءَ کان نٿو بچان،
رهيو غسلخاني جو ٻي هيٺ جو سوال، ته مونکي چاهي،

مان غسلخاني کي رڌلو ۽ رڌلي کي غسلخانو ڪري استعمال ڪندس. مونکي ته پڻي هڪ جهڙا ٿا نهيل نظر اچن."

دلال منهنجي عقل جو داد ڏيندي چيو، "اهو تون چاڻ ۽ مالڪ- جيڪڏهن توکي هي جڳهه پسند آهي ته ڪڍ سئو روپيا!"

"سئو روپيا!" مون رڙ ڪري چيو، "ڇا جا سئو روپيا!؟"

"سئو روپيا هن جي ماهوار مسواڙ ٿيندي."

"منهنجا ياءُ!" مون هٿ پٽي دلال کي چيو، "مون توکي فقط پنجويهه روپين واري جڳهه ڏيکارڻ لاءِ چيو آ- ۽ تون آن جو سئون جي ڳالهه ڪندي ڏڪجين ڏي نٿو."

دلال چيو، "منهنجو ڪم ته توهانکي جڳهه ڏيکارڻ آ، ڪهڙي خبر توکي ڪهڙي جڳهه پسند اچي وڃي. هتي مون اڪثر ماڻهن کي ڏٺو آ، جيڪي پنجويهه روپين جي جاءِ لاءِ ايندا آهن ۽ ڇئن سئون واري وٺي ڇڏيندا آهن. ڪي وري اهڙا ماڻهو به ڏٺا اٿم، جيڪي ڇئن سئون واري جڳهه لاءِ ايندا آهن، ۽ پنجويهه روپين واريءَ ۾ بسڙي ڪري ويهي رهندا آهن. گراهڪن جي ڪا خبر ڏي نٿي پوي!!"

هاڻي دلال جنهن بلڊنگ ۾ مونکي وٺي ويو، اها پنج ماڙ ۽ جهاز جي شڪل جهڙي هئي- ۽ سندس، ڇت

تي ڪنڪريٽ جو جهاز ٺهيل هو، جنهن تي لکيل هو، S.S Atmaram Multani ـ دلال چيو، ”هن بلڊنگ اندر گوشت کائڻ جي منع آهي، بصر کائڻ منع آهي، شراب پيئڻ منع آهي.“

”پوءِ ته هتي زال سان گڏ رهڻ به منع هوندو!“ مون پڇيو.

دلال حيرت منجهان مونڏانهن ڏسڻ لڳو.

مون وري چيو، ”پوءِ ته هتي سوچڻ به منع هوندو، زور سان ٽهڪ ڏيڻ به منع هوندو، هنڌ تي ابتو ليٽڻ سگريٽ پيئڻ به منع هوندو، کلهي تي ٽوال رکي ۽ دروازي تي بيهي ڏاڪڻ تان لهندڙ ڪنهن سهڻي عورت کي ڏسڻ به منع هوندو!! مسٽر! مان جڳهه ڏسڻ آيو آهيان ونوبا ڀاوي جي آشرم ۾ داخلا وٺڻ نه آيو آهيان!“ اهو چئي مان جڳهه منجهان ٻاهر نڪري ويس. دلال شرم منجهان ڪنڌ جهڪائي منهنجي پويان هليو آيو.

هاڻي دلال مونکي جنهن جڳهه ۾ وٺي ويو، اها واقعي پنجويهن روپين واري ٿي لڳي. نه لان، نه چڙهه، نه گل. چوٿين ماڙ تي ڪمرو هو، درين تي لوهه جون ٿلهون شيخون لڳل هيون، جيئن جڳهه جي مالڪ جي تقاضائن کان پريشان ٿي مسواڙي دريءَ کان ٽپو ڏئي نه سگهي— پنهن تي ٽيهه سال اڳ جو چونو لڳل هو، جيڪو هاڻ ڪارائڻ ۾ بدلجي رهيو هو. ڇت جي ڪارن ڇارن جي وچ ۾ بجلي جو هڪ پراڻو پکو

لڙڪي رهيو هو. مون به پنهنجي تصور ۾ قبول ڪري ورتو ته ٺيڪ آ، لان نه سهي، گل نه سهي، سهڻي ڇوڪري نه سهي، هن ڪمري ۾ پکي جو هڪ ته آهي، جنهن سان لڙڪي ڦاهو ته پائي ٿو سگهجي!

"پر غسلخانو ڪٿي آ؟"

"هو لڳ آ." دلال هڪ ڪنڊ واري در ڏانهن اشارو ڪيو.

مان ٽڪڙ ۾ غسلخاني ۾ گهڙي ويس. غسلخاني ۾ وڏين وڏين اکين واري هڪ ٿلهي متاري عورت ذبح ٿيل ڪڪڙ جا پر پٽي رهي هئي. مونکي ڏسندي ئي هن واچون ڦاڙي ڏاڍي ڏنو – ۽ جڏهن سندس ٿلهن چپن واريون ارڙهن انچ ويڪريون واچون پوريءَ طرح کليون ته مونکي ان ۾ پان جي پيڪ ۾ رنگيل ڏند ڏاڍا خطرناڪ لڳا. مان ڇرڪي موٽڻ وارو ئي هوس جو هن ڪافر ادا پنهنجي جبل جيڏي پولهه لوڏيندي چيو، "تون نئون مسواڙي ٿو لڳين؟"

"لڳان ٿو يا نه، پر مان اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان ته هي غسلخانو ڪنهنجو آ؟ منهنجو يا توهانجو؟"

"تنهنجو به ۽ منهنجو به." هن اهڙي ادا سان چيو، ڄڻ منهنجي ۽ هنجي زندگيءَ ڀر لاءِ مائٽي پڪي ٿي وئي هئي– مون ڊڄي هڪ وک پوئتي کنئي ته هوءَ هڪ وک اڳتي وڌي آئي، "تون هلي آ، فڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

نہ ڪر، گڏجي سڏجي گذارو ڪري وٺنداسين.“ اهو چئي هوءَ مونڏانهن ڏسي مرڪي پئي. مان تڪڙ ۾ دروازي تائين پهچي ويس. هن ڪڪڙ جو آخري ڪنب زور سان پٽي ورتو، ۽ ان سان پنهنجا ڏند صاف ڪندي چيائين، ”هاڻي پنجاهہ روپين ۾ مالڪ ڏار غسلخانو تہ ڏئي نٿو سگهي!“

مون بلڊنگ کان ٻاهر اچي دلال کي چيو، ”جيڪڏهن تون مونکي پنجويهہ روپين واري جڳهہ نٿو ڏيکاري سگهين تہ تڪڙ ۾ منهنجا ڏي روپيا واپس ڪر!“

دلال چيو، ”شريفن جي پاڙي ۾ تہ پنجويهہ روپين واري جاءِ ملڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي- ها، جيڪڏهن تون گندي وستيءَ ۾ رهڻ لاءِ تيار هجين تہ مان توکي پنجويهہ روپين واري جڳهہ ڏيکاري سگهانٿو....“

”هل هل، جڳهہ ڏيکار، پاڙي نہ هڻ!“

هو مونکي گندي وستيءَ ۾ وٺي هليو- جيڪو شهر جو سڀ کان گندو علائقو هو- جتي شهر جا نهايت غريب ماڻهو رهندا هئا، جتي سوڙهيون گهٽيون هيون، غلاظت جا ڍير هئا، ڪليل ڪسيون هيون....

ڪنهن ٽي دلال گندي وستيءَ جي دلال سان وڃي ڪجهہ ڳالهايو- پوءِ هو ٻئي مون وٽ آيا، ۽ مون واري دلال مونکي چيو، ”هي چوي ٿو تہ ڏن وستيءَ

۾ پنجويهن روپين واري جاءِ ڪانهي.“

”ٽڏهن گهٽي مسواڙ واري آ؟“

”سورهن روپين واري جڳهه آهي.“

”اهائي ڏيکاريو.“

”سورهين واريون جايون به خالي ڪونهن— ها، باقي هڪڙي آهي، پر اها تنهنجي لائق ڪانهي—“

”منهنجي لائق ڇو ناهي؟“ مون ڳنڍي وستيءَ جي دلال ڏانهن ڏسندي چيو.

ڳنڍي وستيءَ جي دلال ڪاڏي کنهندي چيو، ”صاحب! انهيءَ ڪوٺڙيءَ جو مسواڙي ڪالهه مري ويو.“

”ڏاڍو سٺو، ڪوٺڙي ته خالي ٿي وئي.“

”ها، خالي ته ٿي وئي صاحب!“ هن پنهنجي ڳوڻ کي کنهندي چيو، ”پر اهو مسواڙي اسان وانگي ئي گريب (غريب) مزور هيو، ۽ چوڙين جي ڪارڪاني (ڪارخاني) ۾ مزوري ڪندو هو!“

”مزور هو ته ڇا ٿيو! آخر هو چوڙيون ناهيندو هو، چوريون ته نه ڪندو هو؟“

”نه صاحب! اها ڳالهه ناهي.“ هن پنهنجي ڇيلهه کي کنهندي چيو، ”اهو چوڙيون ناهڻ وارو ڏنوڻ ڏنوندي ڏنوندي ۽ گرم واري ڦڪيندي بيمار ٿي پيو هو....“

”بوءِ ڇا ٿي پيو! هرڪو بيمار ٿيندو آ ۽ ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪري ضرور بيمار ٿيندو آ— پاڻ واري ڦڪيندي يا گهٽو ڪاڏو کائڻ ڪري.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

گندي وستيءَ جو دلال پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي
کلڻ لڳو ۽ چيائين، ”هي تنهنجي لاءِ آ صاحب!“
”منهنجي لاءِ!“ مون حيرت منجهان پڇيو.
”ها صاحب!“ دلال چيو، ”مرڻ گهڙيءَ مرڻ واري
چيو هو، جيڪو به منهنجي جاءِ تي هن ڪوٺڙيءَ ۾
اچي، ان کي هي ڪونڊي ڏجو، ۽ چئجوس روز هن
کي پاڻي ڏي، جيئن گلاب جو هي ٻوٽو سائو رهي.
بس سائين، چرياڻ هو.“
اوچتو منهنجي جسم مان سيسرات نڪري، مونکي
ڏڪندو ڇڏي ويو. مان هنن اونداهين پٽين ۾ رکيل
انهيءَ گلاب جي گل ڏانهن ڏسندو رهيس. چئني پاسي
گهٽ ۽ نا اميدي، ۽ هي اڪيلو گل. ڪوريئڙن جا
لڙڪندڙ چارا، زنگ لڳل لوهي شيخن جي اندر هي اڪيلو
گل .... انسان جي دل ۾ اسرندڙ ۽ انسان جي حوصلي،
بهادريءَ ۽ عظمت جيان منهن ڪڍي بيٺل. فطرت تي
کلندڙ، ۽ موت سان وڙهندڙ .... پر هي گل سڙي ويندو،
هڪ ڏينهن رک تي ويندو. مون سوچيو. هن ڪوٺريءَ
جي گهٽ سندس سهڻو رنگ ۽ روپ ڦري وٺندي،
هن کي ڪوريئڙي جا چارا ورائي ويندا ۽ هي
گل ڪومائجي ويندو، جيئن هو ڇوڙين وارو مزور
ڪومائجي ويو!
پر هي گل نه ڪومائجندو! ۽ روز لکين ڪروڙين
ماڻهن جي دلين ۾ اسرندو. جيڪي ڇوڙيون ناهيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

آهن، ۽ سِر تي سِر ايئن رکندا آهن، جيئن محبت ڪرڻ وارو انسان چمي ۽ مٺان چمي رکندو آ- هي ڳل روزانو انهن انسانن جي دلين ۾ اسرندو، ۽ زندگي ۽ ان جي مسلسل جدوجهد جو اتساهہ جاڳائيندو! هي ڳل ڪڏهن بہ نہ ڪومائبو!

مون اهائي ڪونڙي مسواڙ تي وني چڏي- ۽ انهي ڏينهن کان اتي رهندو آهيان-!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# سزا

عدالت نمبر چوٿينءَ جو ڪمرو وڪيلن، فريادين، شاهدن ۽ ڏندڙن سان ڀرجي ويو هو. ساڍا يارهن ٿي ويا هئا، پر عدالت جي ڪرسي اڃا خالي هئي.

انهيءَ عدالت جي سامهون اڄ بڪرم ٽيڪسي ڊرائيور جي ٻارهين حاضري هئي. گذريل ڇهن مهينن ۾ هو يارنهن دفعا انهيءَ عدالت جي سامهون پيش ٿي چڪو هو، ۽ هر دفعي حاضري ايندڙ تاريخ تي ٽري ٿي وئي- سنڌس ڪيس جو وارو ئي نٿي آيو! گذريل ڇهن مهينن ۾ هو يارنهن ڏينهن ٽيڪسي هلائي نه سگهيو هو: ۽ جڏهن ٽيڪسي نه هلندي آ ته گهر جو خرچ نه هلي سگهندو آ، ٻارن جو اسڪول نه هلي سگهندو آ، واڻئي جو کاتو نه هلي سگهندو آ، ڇڙو زال جي گيهاڙي هلندي آ.

ڪو وڏو ڪيس به نه هو سنڌس- بس، هن شهر جي سڀ کان وڏي ماڻهوءَ جي ڪار کي تيز رفتاريءَ ۾ مات ڏني هئي، ۽ هنجي بيهڻ کان پوءِ به هن وڏي ماڻهوءَ جي ڪار کي پاڻ کان اڳتي وڌڻ نه ڏنو هو- جيتوڻيڪ وڏي ماڻهوءَ جي ڪار سنڌس پيٺ جيان وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

روپين واري اصيل کي ڀيو کهڙي نموني جواب ڏجي!
ها، جيڪڏهن ڳالهه ويهه - پنجويهه جي هجي ها ته
وڪيل به مرڪي جواب ڏئي ها- بڪرم ڏاڍي بيزاري
مان سوچيو- هن مهل تائين .مان هن ظالم کي ٽيهه
روپيا ڏئي چڪو آهيان، پر هي ڪڏهن موسان منهن
ڏئي ڳالهائي به نٿو؛ جو ته مان ٽين روپئين وارو شڪار
آهيان. ڏنڊ ته مونتي ڏهن روپين ڪان وڌيڪ نه پوندو،
پر وڪيل کي ٽيهه روپيا ڏئي چڪو آهيان!! ”سائين
جانچ ته ڪيو، ته اڄ عدالت ايندي يا نه؟ منهنجي
ٽيڪسيءَ جو نقصان پيو ٿئي.“ هن ڏاڍي اداس لهجي
۾ پنهنجي وڪيل کي چيو.
وڪيل واچ ۾ ڏسي چيو، ”اوهه، پوڻا ٻارهن ٿي
ويا- منهنجو هڪ ڪيس عدالت نمبر ٢ ۾ آهي- مان
اوڏانهن ٿو وڃان. تون هتي ئي ڪورٽ ۾ ويهي رهه-
پر هج هتي ئي- جيڪڏهن توکي سڏ ٿئي ته مونکي
نمبر ٢ مان سڏي وڃجانءِ-“
وڪيل پنهنجي قاتل ڪالر کي ٺاهيندو، پنهنجي
ڳوڻ جهڙي سوٽ کي لوڏيندو ڪورٽ نمبر ٢ ڏانهن
هليو ويو. ڪافي عرصو اڳ هن هڪ وڏي ايڊوڪيٽ
جي ڌيءَ سان اهو سوچي شادي ڪئي هئي ته سندس
سهرو ڪيس وڏو ايڊوڪيٽ ڪري ڇڏيندو، پر شاديءَ
کان ڇهه مهينا پوءِ ئي سندس سهرو مري ويو! پوءِ
ايندڙ ڏهن سالن ۾ ڪيس ست ٻار ٿي ويا ۽ سندس

ڪوٽ جو ڪالر ڦاٽي ويو- ٽن روپين ۾ تون ڇا ٿو ڪري سگهين-؟ زندگيءَ ۾ جيڪڏهن تلخيون هجن ته پوءِ ميناج ڪٿان ايندو-؟ وڪيل ڪورٽ نمبر ٢ ڏانهن ويندي سوچيو.

بڪرم پهرين ته ڪورٽ ريڊر کان جج جي باري ۾ پڇڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ريڊر جڏهن ڪيس چڙهيو تڏهن هو چپ ڪري پاسي ٿي ويو، ۽ دير تائين پنهنجي چيٽي پر خوبصورت ۽ نرم ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندو رهيو. سندس اکيون پڻ ڏاڍيون خوبصورت ۽ وڏيون هيون. سندس خاندان ۾ وڏا وڏا عالم فاضل ماڻهو ٿي گذريا هئا، پر زماني جي گردش کيس ٽيڪسي هلائڻ تي مجبور ڪري وڌو هو.

هن چئني پاسي ڏاڍي بيبسيءَ منجهان ڏٺو، اوچتو کيس ڪورٽ روم جي ساڄي ڪنڊ ۾ هڪ دروازي جي پرسان جج صاحب جو اردلي نظر آيو. جڏهن جج صاحب پنهنجي پرائيويٽ روم منجهان نڪري عدالت جي ڪمري ۾ ويندو هو ته هي اردلي ٻه قدم اڳتي وڌي رڙ ڪندو هو، ۽ عدالت کي جج صاحب جي اچڻ جي اطلاع ڪندو هو- پوءِ جج صاحب ڪاري عينڪ، ڪارو گائون ۽ سفيد ڪالر پائي اندر ايندو هو، ۽ سڄي عدالت سندس احترام ۾ اٿي بيهي رهندي هئي، جيسين جج صاحب عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهي نه رهي. بڪرم خاموشيءَ سان اردليءَ ڏانهن وڌي ويو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

۽ سائس ڳالهائڻ لڳو، ”جج صاحب جن ڪڏهن ايندا؟“
اردليءَ وراڻيو، هونءَ ته يارهين تائين اچي ويندا آهن- اڄ خبر ڪانهي- شايد سندن طبيعت ٺيڪ نه هجي.“
”طبيعت خراب هوندي ته عدالت نه هلندي؟“
”ها-“
”ٻيو ڪو جج نه ايندو؟“
”ڪڏهن ڪڏهن ايندو آ- جڏهن ٻهريون جج موڪل تي هوندو آ-“ ”پر اڄ چا ٿيندو،“ ”ٺ‍و چئي سگهجي- شايد ٿوري دير ۾ جج صاحب جي فون اچي-“
اچا اردليءَ جي واتان اها ڳالهه نڪتي به نه هئي ته فون اچي وئي، ۽ اردلي فون ٻڌڻ لاءِ جج صاحب جي پرائيويٽ ڪمري ۾ هليو ويو. بڪرم به سندس پٺيان اندر هليو ويو. اردلي فون ٻڌڻ لڳو، ۽ بڪرم ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. تمام اڇو اجرو ڪمرو هو- هڪ پاسي ڊائيننگ ٽيبل هئي، ٻئي پاسي لوهه جو هڪ وڏو ڪٻٽ ۽ ٽي ٽنگڻيون- هڪ ٽنگڻيءَ تي جج صاحب جو گائون ٽنگيل هو- ڪاري عينڪ ۽ سفيد ڪالر هڪ ٽپائيءَ تي رکيل هئا. هڪ پاسي جج صاحب جي مدارسي پڳڙي پيل هئي، جيڪا پائي هو عدالت ۾ ايندو هو. اردلي فون ٻڌڻ کان پوءِ بڪرم ڏانهن ڏسندي چيو، ”جج صاحب نه ايندو- کين زڪام ٿي پيو آ.“ ۽ پوءِ هڪدم نرڙ ۾ گهنج وجهي چيائين،

”پر ڏون اندر ڇو گهڙي آيو آن؟ توکي خبر ڪانهي ته هن ڪمري ۾ اڇن جي منع آهي- نڪر ٻاهر-“ اردلي ڪاوڙ مان ٻڪرم ڏانهن وڌيو- ٻڪرم پنهنجو مضبوط هٿ سندس وات تي رکي ڏنو.

.... .... ....

عدالت نمبر ۴ جو ڪمرو وڪيلن ۽ ٻين ماڻهن سان ڀريو ٿي ويو، ڇو ته اڄ جج جي ڪرسيءَ تي هڪ نئون جج ويٺو هو، جنهنکي اڄ کان اڳ ڪنهن به نه ڏٺو هو- ۽ ٻڌندڙن کان وڌيڪ وڪيل اهو ڏسڻ لاءِ بيچين هئا ته نئون جج فيصلا ڪهڙي نموني ڏو ڪري.

انهيءَ ڪيس جو فريادي بالا چند هيو. بالا چند پنهنجي گهر جو هڪ ڪمرو هڪ پوڙهي عورت ۽ سندس پٽ کي مسواڙ تي ڏنو هو. ڪرازي ۽ سندس پٽ ڏهن سالن کان انهيءَ ڪمري ۾ رهي رهيا هئا، ۽ باقائدگيءَ سان مسواڙ ڏيندا هئا- پوءِ ڪرازيءَ جو جوان پٽ مل ۾ هڪ حادثي ۾ موت جو ڀڪ ٿي ويو، ۽ ڪرازي ڇهن مهينن کان مسواڙ ڏئي نه سگهي هئي- ۽ بالاچند کي ڪرازيءَ کي گهر مان ڪڍڻ لاءِ عدالت جي حڪم نامي جي ضرورت هئي.

جج بالا چند کان پڇيو، ”تنهنجي گهر ۾ گهڻا ڪمرا هن؟“

”ڏهه سائين-“ بالا چند جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”۽ تنهنجي خاندان ۾ ماڻهو گهڻا هن؟“

”مان اڪيلو آهيان.“

”۽ تنهنجي عمر گهڻي آ-؟“

”ستر سال سائين-“

”ته ستر سالن جي پوڙهي کي ڏهن ڪمرن جي ڪهڙي ضرورت آ؟“ جج پڇيو، ”ڇا تون انهن ڏهن ڪمرن منجهان هڪ انهيءَ پوڙهيءَ کي نٿو ڏئي سگهين، جنهنجو جوان پٽ ڇهه مهينا اڳ ڪارخاني ۾ مري ويو آ!“

بالا چند جي وڪيل چيو، ”سيڪشن فلاڻي جي آرٽيڪل فلاڻي فلاڻي جي قلم فلاڻي فلاڻي جي مطابق قانون چوي ٿو ته ........“

”.... ۽ انصاف ڇا ٿو چوي؟“ نئين جج ڪاوڙ مان چيو.

۽ بالا چند جو وڪيل ويٺي ويٺي خاموش ٿي ويو- ۽ پوءِ نئين جج مرڪي بالا چند ڏانهن ڏٺو، جيڪو ستر ورهين جو سنهڙو سڪڙو ماڻهو هو، ۽ جنهن جي چهري تي ستر ورهين جي ڪنجوسيءَ ڪان پيدا ٿيندڙ داغ هئا- هو پنهنجي ڇپن کي سوڙهو ڪري، نرڙ تي هزارين گهنج وجهيو چپ چاپ سيني جي سامهان ويٺو هو. نئين جج مرڪي بالا چند ڏانهن ڏسندي پڇيو، تنهنجي گهر ۾ نوڪر گهڻا هن؟“

”هڪ به نه-“ بالاچند جواب ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”پوءِ تون اڪيلائي محسوس نہ ڪندو آن؟“
وڪيل کي ڏاڍي حيرت لڳي. هن جج کان پڇڻ
ٿي گهريو تہ هو ڪهڙي قسم جا سوال ڪري رهيو
آهي ۽ انهن سوالن جو ڪيس سان ڪهڙو تعلق آهي؟
پر هو پاڻ ۾ اهڙي همت ساري نہ سگهيو.
”ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائي محسوس ٿيندي آ.“
بالا چند چيو.
”ڇا تون اهو محسوس نہ ڪندو آن تہ ڪوئي
تنهنجو ڪمرو صاف ڪري، تنهنجي وهنجڻ لاءِ پاڻي
رکي، تنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪري، ۽ جڏهن توکي
ننڊ اچي وڃي تہ ڪوئي آهستگي سان تنهنجي پيرن
کي زور ڏئي.“
”ها سائين، محسوس ٿيندو آ.“
”۽ جيڪڏهن انهن سمورين خدمتن جي بدلي پوڙهي
توکان تنهنجي ڏهن ڪمرن جي گهر ۾ فقط هڪ ڪمرو
پنهنجي رهڻ لاءِ گهري، ۽ ٻي ڪابہ شيءِ توکان نہ
گهري فقط هڪ ڪمري ۽ ٻن ويلن جي مانيءَ ڪانسواءِ،
تہ ڇا توکي اعتراض ٿيندو.؟“
بالا چند تعجب منجهان چيو، ”سائين، اهڙو ماڻهو
اڄڪلهہ دنيا ۾ ڪٿي هوندو؟ انڪري تہ مان نوڪر
نٿو رکان.“
پوڙهي عورت جو چهرو ٽڙي پيو. ٻئي هٿ کڻي
جج کي دعائون ڪرڻ لڳي، ۽ پوءِ بالا چند کي دڙڪو

ڏيندي چيائين، ”گهر هل، تنهنجي مانيءَ جي مهل ٿي وئي آ_“

پوڙهيءَ، پوڙهي جو هٿ پڪڙي ورتو_ سچي عدالت ٺهڪ ڏئي کلي پئي_ بالا چند جي وڪيل ڪيس سمجهائيندي چيو، ”بالا چند، تون گهٻراءِ نه_ مان انهيءَ فيصلي جي خلاف اپيل ڪندس“

بالا چند چيو، ”نه_ تون ائين نه ڪندين_ مونکي اهو فيصلو منظور آ_“ ۽ پوءِ هو پوڙهيءَ ڏانهن ڏسي مرڪيو، جڏهن ته ٽوٽ ڏرتيءَ تي نرمل جل جي ڌارا ڦٽي نڪتي.

.... .... ....

عدالت جي ڪٺهڙي ۾ هڪ اينگلو انڊين خوبصورت ڇوڪري بيٺي هئي_ هوءَ ائين بيٺي هئي، ڄڻ ڪنهن ڪٺهڙي ۾ گلن سان ڀريل گلدستو رکي ڇڏيو هجي. جج ڪائنس پڇيو، ”ته تون پنهنجي مڙس کان طلاق وٺڻ ٿي چاهين؟“

”ها_“

”ڇا تنهنجو مڙس بيروزگار آ_؟“

”نه_ هو ريلوي ۾ ڊرائيور آ_“

اينگلو انڊين ڊرائيور به پرسان ئي بيٺو هو، ۽ ور ور رومال سان پنهنجو چهرو ٿي اگهيائين .اج هن جي ڀرپور بيعزتيءَ جو ڏينهن هو. اڄ جيڪڏهن عدالت جو ڪمرو ڪنهن ريل گاڏيءَ جو ڊبو هجي ها ته هو پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڳاڙهي ڪنهن ڪڏهن ڪيرائي ڇڏي هاه
”تون هن کان طلاق ڇو ٿي چاهين.“
”منهنجي مڙس جي وات مان ڌپ ايندي آ.“
”ڇو ايندي آ؟“
”هن کي روز رات جو مانيءَ سان گڏ ٻه ٽي پيگ ٿوم
کائڻ جي عادت آ.“
”پوءِ تون ڪيس رات جو برش هڻڻ لاءِ زور ڇو
ڇو نه ڀريندي آن؟“
”مان نه ڪيس چوندي آهيان، پر هو مڃيندو ئي ناهي!“
”جيڪڏهن تون سمهڻ مهل برش تي پيسٽ هڻي
سندس وات ۾ وجهي ڇڏين ته ڇا هو ڏند صاف ڪرڻ
لاءِ مجبور نه ٿي پوندو.؟“
ڇوڪري چپ ٿي وئي. پوءِ چيائين، ”ٻه سائين،
هي شخص روز رات جو بوٽ سوڌو منهنجي هنڌ ۾
گهڙي ايندو آ.“
”ته پوءِ تون ٻه بوٽ پاڻي سمهندي ڪر.“ جج
چيو، ”ڏاڍي سولي ترڪيب آ، ٻن ڏينهن ۾ هن جون
عادتون ٺيڪ ٿي وينديون.“
”پر....“ اينگلو انڊين ڇوڪريءَ جي وڪيل چيو،
”تعزيرات هند جي آرٽيڪل فلاڻي فلاڻي جي قلم فلاڻي
فلاڻي مطابق جيڪڏهن مڙس زال ....“
”تون بس ڪر.“ جج وڪيل کي دڙڪو ڏيندي
چيو، ”زال مڙس جي وچ ۾ تون ٽنبجڻ وارو ڪير آن؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

پوءِ جج ٽائيپسٽ کي فيصلو لکرائيندي چيو، لک! جيڪڏهن مڙس بوٽ سوڊو هنڌ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪري ته زال کي چمپل پائي سمهڻ جو پورو پورو حق آهي. ڪيس ڊسمس–“

.... .... ....

هاڻي ڪٽهڙي ۾ چارلي ٽيڪسٽائيل مل جو مالڪ ڪرشنما چاري بيٺو هو. هو بيحد ڏکو ۽ سنهڙو شخص هو. سندس ڪنن ۾ سفيد هيرا چمڪي رهيا هئا، ۽ هو پنهنجي سفيد ريشمي ڌوتيءَ ۾ بلڪل ديوتا لڳي رهيو هو. هڪ اهڙو ديوتا، جيڪو هاڻي هاڻي مندر مان نڪري عدالت ۾ هليو آيو هو. سندس هٿن جون آڱريون، جيڪي ڪٽهڙي تي رکيل هيون، تمام ڏکيون، نازڪ ۽ نرم لڳي رهيون هيون– جن کان سڄي عمر نوٽ ڳڻڻ کان سواءِ ڪوبه ڪم نه ورتو ويو هو. هو عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بلڪل آرام ۽ سڪون سان بيٺو هو.

جج چيو، ”ته توهان اقرار ٿو ڪريو ته تنهنجي مل ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ريڊيءَ جو هٿ مل جي هڪ مشين سان ڪچجي پيو؟“

”ها–“

”۽ انهيءَ اقرار کان پوءِ به توهان ريڊيءَ کي معاوضو ڏيڻ لاءِ تيار ناهيو؟“

”جي–“

”ڇو–؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”ڇو تہ ريڊيءَ جو هٿ سنڌس غفلت سبب ڪپيو آ، سنڌس پنهنجي غفلت سبب- منهنجي مل جي مشين خراب ناهي-“

”منهنجي مل؟... اها تنهنجي مل ڪيئن ٿي-“

”سائين، مان انهيءَ جو مالڪ آهيان.“

”تون انهيءَ مل جو مالڪ ڪيئن آن؟“

”سائين مان انهيءَ ۾ سيڙپ ڪئي آ- هن مهل تائين سٺر لک سيڙائي چڪو آهيان-“

”۽ ڪمايو گهڻو اٿئي-؟“

”ٽي ڪروڙ چوٽيتاليهه لک-“

”جيڪڏهن مل ۾ هڪ به مزور ڪم نہ ڪري ها تہ تنهنجو نفعو گهڻو ٿئي ها-؟

”اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي سائين! جيڪڏهن مل ۾ هڪ به مزور ڪم نہ ڪري تہ نفعو وري ڪٿان ايندو!؟“

”تہ تون مڃين ٿو تہ تنهنجا سٺر لک پنهنجي جاءِ تي ڪجهہ بہ ناهن، جيسين انسان جا هٿ انهن کي نہ هلائين؟“

ڪرشنما چاريءَ هڪندي چيو، ”اهو تہ درست آ سائين.“

”پوءِ جيڪي هٿ نفعو ڏين ٿا، انهن کي نفعي جو حقدار ڇو نہ سمجهيو وڃي؟ جيڪڏهن مزور جو هٿ ڪهڙي بہ غفلت سبب ڪپجي وڃي تہ انهيءَ هٿ جي مالڪ کي تاحيات پينشن ڇو نہ ڏني وڃي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”پر اها ته مِلُ مالڪ جي هٿن سان هٿ چراند ٿيندي.“ ڪرشنما چاريءَ جي وڪيل رڙ ڪئي، ”آرٽيڪل فلاڻي فلاڻي جي قلم فلاڻي فلاڻي مطابق مِلُ مالڪ جي صحيح تعريف....“

”ڪنهن شريف ماڻهوءَ جي تعريف ڪر وڪيل صاحب!“ جج ڪاوڙ مان ڪرشنما چاريءَ جي وڪيل کي چيو، پوءِ وري ٽائيپسٽ ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”فيصلو لک! ڪرشنما چاريءَ مِلَ ۾ سٺر لکن جي سيڙپ ڪئي ۽ ٽي ڪروڙ چوڏهتاليهه لک ڪمايا- جيئن ته هو پنهنجي موڙي وياج سميت وصول ڪري چڪو آ، انڪري اڄ کان مِلَ سندس ملڪيت ناهي، پر مِلُ انهن جي آ، جن اڄ ڏينهن پنهنجي هٿن جي دولت انهيءَ مِلَ ۾ لڳائي آ- انڪان سواءِ جيئن ته ڪرشنما چاري پنهنجي هٿن جي محنت انهيءَ مِلَ ۾ نه لڳائي آ- انڪري هيءَ عدالت فيصلو ٿي ڪري ته نفعي منجهان ريڊيءَ لاءِ تاحيات پينشن جاري ڪئي وڃي ۽ ڪرشنما چاريءَ جا ٻئي هٿ وڍيا وڃن، ڇو ته اهي هٿ ڪوبه ڪم نٿا ڪن، ۽ اسانجي ملڪ کي ڪم ڪندڙ هٿن جي ضرورت آهي.

”ڪهڙي بڪواس آ!“ ڪرشنما چاريءَ زور سان رڙ ڪئي.

”هي جج آ يا ڪوئي چريو ماڻهو آ!“ ڪيترن وڪيلن ڪاوڙ منجهان رڙ ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

نئون جج ڪجهه چوڻ وارو ئي هو جو هڪ قاتل ڪالر وارو وڪيل ڊوڙندو ڪورٽ روم ۾ داخل ٿيو ۽ چوڻ لڳو، پڪڙيو .... پڪڙيو هن کي .... هي جج ناهي .... هي ته منهنجو اصيل بڪرم ٽيڪسيءَ وارو آ!"

.... .... ....

ڪورٽ نمبر هڪ ۾ جڏهن بڪرم ٽيڪسيءَ واري کي پيش ڪيو ويو ته ڪائنس پڇيو ويو، "تنهنجو نالو؟"

"وڪرما ديتا_"

"عمر؟"

"ٻه هزار سال."

"ڪهڙو ڌندو ڪندو آن؟"

"ٽيڪسي هلائيندو آهيان."

"تو عزت ماب عدالت جي غير حاضريءَ ۾ عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهي عدالت جي توهين ڇو ڪئي؟"

سڀ ماڻهو حيرت منجهان بڪرم ٽيڪسيءَ واري ڏانهن ڏسڻ لڳا. دير تائين بڪرم جو ڪنڌ جهڪيل رهيو_ پوءِ هن آهستي ڪنڌ مٿي کنيو ۽ چيو، "سائين، زندگي ٽيڪسيءَ جي رفتار سان ڊوڙندي رهي آ، ۽ قانون اجا ڇڪڙي جي رفتار سان هلي رهيو آ_ مان ٻيڏوهي آهيان سائين! مان عدالت جي ڪرسيءَ تي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ٻيلو هوس، مون ته فقط سنڌس ايڪسيلينٽر تي پير رکيو هو-"

"ڇهه مهينا سخت پورهئي سان قيد-" عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌايو، ۽ پوليس جا ماڻهو وڪرما ديتا کي پڪڙي عدالت مان ٻاهر ڪڍي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# موھن جي دڙي جو خزانو

موھن جي دڙي جا سمورا دڙا کوٽجي چڪا ھئا، سواءِ ھڪ جي. موھن جي دڙي جي ڇاتي ڦاڙي، انساني ھٿن پنج ھزار سال پراڻي تھذيب جا سمورا عنصر ميڙي ورتا ھئا. کوٽڻ وارن سڀ ڪجھ ڪڍي ورتو ھو، پر جيڪي ڪجھ ھنن چاھيو ٿي، سو ڪين نہ مليو ھو.

انجنيئرن ۽ قديم آثارن واري کاتي جي ماھرن جي ڪانفرنس ھلي رھي ھئي. انھن ۾ ھڪ گنجي ٽڪڻ وارو يورپين يھودي فلاسافر ھو ڊيوڊ. ٻيو سانوري رنگ جو سنھڙو سيپڪڙو مسلمان ھو اطھر. ٽيون ھڪ جھاندار بنگالي ھندو ھو. چوٿون مان ھوس ــ مان، جيڪو ماضيءَ جو پڇتاءُ ۽ مستقبل جو ڊڄاڏو آھيان؛ پر ھو مونکي فقط ڀڏي سگھيا ٿي، ڏسي نہ.

جماندار چيو، ”ھاڻ ڇڙو ھڪ دڙو رھيل آ [illegible] وٺو [illegible] پر سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ ھيڏي ساري شھر جو خزانو ڪاڏي ويو! عورتن جا سونا زيور تہ ڪتاز نہ ڪتان لڌا آھن، پر معمولي قسم جا، ۽ انھن منجھان ڪن ۾ ھيرا بہ لڳل آھن، پر اھي بہ ٿورڙا ٿورڙا ــ اڌ يعني منجھان اھو تہ ثابت ٿئي ٿو تہ انھيءَ زماني ۾ سون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

مون چيو، ”اهو راز سکڻ لاءِ شايد توکي ڪنهن دڙي کوٽڻ جي ضرورت نه هئي- تورو پنهنجي دل کي کوٽي ڏسين ها!“

ڊيوڊ ڪاوڙ منجهان سامهان واري پٽ ڏانهن ڏنو، جتي سندس خيال ۾ مان ڪوريئڙي جي ڄار ۾ لڙڪيل هوس! پوءِ هن دري منجهان ٻاهر ڏنو- ٻاهر ميدان ۾ هڪ پوڙهو ڌنار ريڍون چاري رهيو هو.

ڊيوڊ چيو، ”هڪ ڏينهن هن پوڙهي ڌنار مونکي ٻڌايو هو ته موهن جي دڙي جو سڀ کان وڏو راز انهيءَ وڏي دڙي ۾ پوريل آ.“

مون چيو، ”انهي وڏي دڙي ۾، جيڪو اڃا کوٽيو نه ويو آ؟“ پر ڪنهن به مونکي جواب نه ڏنو، سڀ پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ گم هئا.

ڊيوڊ چيو، ”رات اسان ٽئي گڏجي آخري دڙي کي کوٽينداسين، انهيءَ منجهان ...“

اطهر ٽڪڙ ۾ چيو، شايد موهن جي دڙي جي زبان جي سچائپ جهڙي ڪا شيءِ ليئي پوي-“

جماندار چيو، ”شايد موهن جي دڙي جو خزانو ليئي پوي!“

ڊيوڊ چيو، ”شايد موهن جي دڙي جو ديوتا ليئي پوي!“

رات جي ٽئين پهر تائين هو ٽئي کوٽائي ڪندا رهيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

جهڙي ٽانوَ سان وڃي لڳو، ۽ هو ٻيلچو رکي اٿي ٺي ويهي رهيو. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

”خيال سان .... سنڀالي ....“ ديوڊ سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو، پاڻ به جماندار جي ڀرسان ويهي رهيو. اطهر به سندن ڀرسان اچي ويهي رهيو.

گيس ليمپ جي روشنيءَ ۾ هنن هٿن سان، بلڪ ڏنهن سان مٽي کوٽي انهيءَ ٽانوَ کي ٻاهر ڪڍيو. ڇنڊي ڦوڪي ٽانو کي گيس ليمپ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو.

جماندار خوشيءَ منجهان رڙ ڪندي چيو، ”هي ته سون جي پيٽي آ!“

واقعي اها سون جي سهڻي پيٽي هئي، جنهن تي وڻندڙ چٽسالي ٺيل هئي، ۽ موهن جي دڙي جي پراڻي ٻوليءَ جا اکر اڪريل هئا، ۽ عجيب غريب قسم جي ديوين ۽ ديوتائن جون تصويرون اڪريل هيون.

جماندار رڙ ڪندي چيو، ”اهوئي آ موهن جي دڙي جو خزانو — هيرا .... لعل “

اطهر چيو، ”نه— هن منجهان موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي سڃاڻپ ٿيندي! هي ٻاهران اڪريل اکر ته ڏسو ...“

ديوڊ چيو، ”نه — هن ۾ موهن جي دڙي جو ديوتا آ .... “

”جلدي ڪيو، کوليو!“ جماندار تڪڙ ۾ چيو، ”جلدي ڪيو....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

پيٽيءَ کي سون جو تالو لڳل هو، پر ڊيوڊ کي تالو کولڻ ۾ دير نه لڳي- ڇو ته قديم آثارن واري ڪاٽي جي ماهرن جا هٿ تالا کولڻ ۾ به ماهر هوندا آهن .... تالو ته جلدي کلي ويو، پر ڊيوڊ ڍڪُ مٿي ڪرڻ ۾ ڪيٻايو ٿي.

جماندار چيو، ”ڍڪ مٿي ڪر ڊيوڊ، جلدي ڪر!“

ڊيوڊ وري ڪيٻائڻ لڳو. اطهر اڳتي وڌي ڍڪ مٿي ڪنيو، اندر ڪائي ڪارسري گول شيءِ پئي هئي. ڊيوڊ انهيءَ کي ڏاڍي خيال سان کنيو، سڱهي ڏٺائين ۽ پوءِ مايوسيءَ منجهان چيائين، هي ته هڪ ماني آ!“

”ماني!!“ جماندار مايوسيءَ منجهان رڙ ڪئي.

مون چيو، ”ها، ماني- دنيا جو سڀ کان قيمتي خزانو!!“

اطهر روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو، ”ماني!“

مون چيو، ”ماني! جيڪا هر زبان جي سچائي آ-“

ڊيوڊ جو ڪنڌ پنهنجي سيني ڏانهن جهڪي ويو، ”فقط هڪ ماني!“

مون چيو، ”ماني- جيڪا سمورين تهذيبن جي ضرورت آ.“

ڊيوڊ انهيءَ مانيءَ کي هٿ ۾ کڻي ڪاوڙ منجهان چيو، ”ڪيڏانهن ويو اهو ڏنار، جنهن چيو هو ته هتان جو سڀ کان قيمتي خزانو انهيءَ دڙي ۾ پوريل آ!“

هن تنهن گڏجي انهيءَ پاسي ڏٺو، جيڏانهن ڏنار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڏيون چاري رهيو هو .... ڏنار تہ نہ هو، پر مونکي لڳو تہ ڏنار روئي رهيو هو انهيءَ مانيءَ لاءِ، جيڪا انسان جي ٻهرين خوشي ۽ آخري دک آ— پوءِ مونکي ايئن لڳو، ڄڻ ٻهرين جنهي ڏنار هو، اتي هاڻ هڪ صليب آ— پوءِ اوچتو صليب جي پٺيان سج اڀرڻ لڳو، ۽ پوءِ اوچتو اها ماني سج جي سونهري ڪرڻن ۾ سون جي ٿال جيان چمڪڻ لڳي— اوچتو هنن ٽنهي کي ڪائي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ جماندار ڊيوڊ ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”لڪائي ڇڏ، اها ماني لڪائي ڇڏ .... مزور ڪم تي اچي رهيا آهن!“

ڊيوڊ ٽڪڙ ۾ ماني لڪائي ڇڏي، ۽ آسمان ڏانهن ڏنائين. صبح ٿي رهيو هو، ۽ مزور بيلچا کنيو ڪم تي اچي رهيا هئا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# جتي هوا نہ هئي

اسان هڪ ڏڙي تي ويهي، سج جي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ واديءَ کي ڏسي رهيا هئاسين- منهنجو هٿ هن جي هٿ منجهہ هو ۽ هن جو مٿو منهنجي ڪلهي تي- منهنجي دل ۾ هڪ بلبل هئي، ۽ هن جي اکين منجهہ هڪ گيت.

مون هن کان پڇيو، اسانجو ٻچڙو ڪٿي آ؟"

"ننڊ پيو آ!"

"ڪٿي؟"

"منهنجي سپنن جي هنج ۾!"

"ڪيس هنج مان ٻاهر ڪڍ، ڪيس راند ڪرڻ ڏي. ڏس، هتي ڪيڏي ساوڪ آ، ڪيڏا سهڻا گل ۽ ميوا آهن!"

"ها، هي هنڌ بيحد خوبصورت آ!" منهنجي محبوبا چئني پاسي ڏسندي چيو، "ساوڪ آ، سهڻا گل ۽ ميوا بہ آهن، پر هوا ڪانهي!"

"ها!" مون اداسيءَ منجهان چيو، هتي هوا ڪانهي...."

"۽ ٻار هوا کان سواءِ جيئرو رهي نہ سگهندو."

هن چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”ها۔ تون صحيح ٿي چوين!“ مون هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”۽ هتي ٻيو ڪو ٻار به ڪونهي، جنهن سان هو کيڏي سگهي.“

”ها۔“ مان خوبصورت پرنسان واديءَ ڏانهن ڏسندي چيو، ”واقعي، هتي ته ڪوئي ٻار ڪونهي .... اسانجو ٻار ڪنهن سان راند ڪندو!!....“

ڪي پل سانت رهي۔ سنسان واديءَ ۾ چڻ اس جون لهرون اٿلي رهيون هيون، ۽ ساوڪ چڻ ننڊ پئجي وئي هئي۔ وڻن جا پن به چڻ هڪ ٻئي جي ٻانهن تي مٿو رکي ستا پيا هئا۔ آس، آرام، ننڊاکڙي ڪيفيت۔ مون آهستگيءَ سان پنهنجي محبوبا کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، ۽ سندس مٿان جهڪي، اکيون پوري ڇڏيم. وقت ۽ زندگيءَ جا سمورا فاصلا ختم ٿي ويا. چوڌس سانت هئي. دل جي ڌڙڪڻ جو آواز به ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. بس، ڪڏهن منهنجون پنبڻيون هن جي ڊگهين پنبڻين ۾ وچڙي ڏڪڻ ٿي لڳيون.

صدين کان پوءِ اسين جاڳياسين. مون پريشانيءَ منجهان هن کان پڇيو، ”اسانجو ٻار ڪٿي آ!؟“

”ميلي تي ويو آ!“

”ڪاڏي؟“

هن پهاڙن جي سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هوڏانهن! سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

تي، جتي برف آ ۽ يارن جو ميلو آ!“
”ها_“
”اتي چا پيا ڪن؟“
”اهي هوا کي ونڻ ويا آهن!“
”ڏاڍو سٺو_ هتي سڀ ڪجهہ آهي، پر هوا ڪانهي!“
مون اداسائيءَ منجهان ڪنڌ لوڏيندي چيو_ ۽ هن جو هٿ زور سان مهٽيندي پڇيم، ”چا ڪڏهن هوا ايندي هتي؟“
”چٽي نٿي سگهان!“ منهنجي محبوبا سنجيدگيءَ سان چيو، ۽ پنهنجي وارن جي هڪ آواره چڳ ۾ هٿ وجهندي چيائين ”ڪڏهن ڪڏهن هن واديءَ ۾ هوا ايندي آ، ۽ سڄي وادي برف سان ڍڪجي ويندي آ_ وڻن جا پن چٽي پوندا آهن، پارڙن جا اگهاڙا پير ڦاٽي پوندا آهن ۽ اهي ڪنهن اونداهين کوهہ ۾ لڪي برف جي بيرحم طوفان جو گجگوڙ ٻڌي ڏڪندا آهن....
”نہ_ مان انهيءَ هوا جي ڳالهہ نٿو ڪيان_“ مون چيو.
”تون جنهن هوا لاءِ چئين ٿو_“ منهنجي محبوبا مونکان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو، ”اها بہ ڪڏهن ڪڏهن هتي ايندي آ، ۽ اسانجي وادي گرم واريءَ سان لڪجي ويندي آ، ساوڪ پاڙيون سڙي ويندي آ، پاڻي ٺهڪڻ لڳندو آ، ۽ يارن جون چپون وات کان ٻاهر لڙڪڻ لڳنديون آهن ۽ هو تڏي پاڻيءَ جي هڪڙي

ڦڙي لاءِ پنهنجن ننڍڙن هٿڙن سان ڌرتيءَ جي ڇاتي کوٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن!"

"نه— مان انهيءَ هوا لاءِ به نٿو چوان!"

"پوءِ تون جنهن هوا لاءِ چوين ٿو، انهيءَ کي ونڻ ٽي ته ٻار مٿي ويا آهن."

"ته ڇا هوا ايندي؟" مون محبوبا کان پڇيو، سندس چپن کان پڇيو، سندس وارن کان پڇيو، سندس ڌڙڪندڙ دل کان پڇيو، پر جواب ٻڌي مان ڪنبي ويس.

"تون به ڏسجي ويئن!" هن منهنجو هٿ جهليندي چيو.

"ها—"

"هن واديءَ ۾ هر شخص ڏيهڙي ۾ ورتل آ ته اها هوا ايندي يا ڪائي ٻي!"

"ٻي ڪائي هوا؟"

"ها—" منهنجي محبوبا چيو، "ڪي ماڻهو چون ٿا، هاڻي جيڪا هوا ايندي، اها ڏاڍي سخت، وحشي ۽ ظالم هوندي، ۽ اها هوا نه هوندي، جنهن کي ٻار وٺڻ ويا آهن— اها هوا واديءَ جي ڇاتي ڦاڙي وجهندي، سندس پهاڙن کي سرمون ڪري ڇڏيندي— جتي وڻ آهن، اتي ٻرندڙ پٿر هوندا، جتي انسان آهن اتي ٽڙڪندڙ هڏا هوندا—!!"

"۽ مان توکي چمي نه سگهندس، تنهنجي وارن سان راند ڪري نه سگهندس، ۽ تنهنجي اکڙين ۾ پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

سپنا ڏسي نہ سگھندس!؟"

"نہ-- ۽ مان بہ هيئن ڪلهي تي مٿو رکي سک ماڻي نہ سگھنديس!"

"منهنجو ساهہ ڏو ٻوساٽجي!" مون تڪليف منجهان چيو.

گھڻي دير تائين اسين خاموش رهياسين- دير تائين اسين هڪ ٻيءَ نانءَ پڙاڏو ٻڌندا رهياسين- ۽ پوءِ هن اوچتو پريشانيءَ منجهان چيو، "منهنجو ٻچڙو! منهنجو ٻچڙو!!"

"اچي ويو ڇا؟"

"نہ- هو مونکي ڏسڻ ۾ نٿو اچي."

"اڳ ڏسڻ ۾ آيو ٿي ڇا؟"

"ها- پر هاڻي ڏسڻ ۾ نٿو اچي- هاڻ تہ مونکي چوٽي بہ نظر نٿي اچي!" هن جي اکڙين ۾ لڙڪ ٻرجي آيا.

مون سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيو، "هي دڙو بنهہ ننيڙو آ، هتان ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اچ، هن وڏي دڙي تي هلون. شايد اتان توکي پار نظر اچي وڃي!"

اهو دڙو ڏاڍو مٿاهون هو، ۽ رستو بہ ڏاڍو ڏکيو هو- تڏهن بہ اسين هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندا مٿي پهچي وياسين، ساڳيا ٿي ويهي رهياسين. اسانکي مايوسي وڪوڙي وئي، ڇو تہ هتان بہ اها چوٽي نظر نٿي آئي، جتي ٻارن جو ميلو هو- هتان سڄي وادي ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

... هيٺ ور وڪڙ ڏيندڙ ندي، ڪلهن تي فصل جو بار کڻي سهڻين ڇوڪرين جيان مرڪندڙ پنيون، ٻڙ جا وڏا وڻ، ۽ انهن جي مٿان وڏي چوٽي- پر چوٽيءَ تي ڪڪر وري آيا هئا، ۽ اها ڪڪرن سان ڍڪجي وئي هئي.

”منهنجو ٻچڙو!“ هوءَ روئڻهارڪي ٿي پنهنجا خالي هٿ مهٽڻ لڳي، ”مون ڪيس اجايو اوڏانهن موڪليو!!“

”ڳڻتي نه ڪر، اسانجو پار اتي اڪيلو ناهي، انهيءَ ميلي ۾ ٻيا به گهڻا ٻار هوندا. اسانجي سپنن جا ٻار ڏاڍا بهادر آهن!“

پر منهنجي محبوبا منهنجين ڳالهين تي يقين نه ڪيو، هوءَ منهن هيٺ ڪري، آهستي آهستي سڏڪي روئڻ لڳي. اوچتو مون چوٽيءَ تي ڪجهه ڏٺو، ۽ مون خوشيءَ منجهان رڙ ڪئي، ”ڏس .... هو ڏس....!!“

هڪدم چرڪي، منهن مٿي کڻي جو منهنجي محبوبا چوٽيءَ ڏانهن ڏٺو ته سندس ڳوڙهن هاڻين اکڙين ۾ خوشيءَ جي جوت جرڪي پئي.

”ڏس .... هو ڏس ....!“ مون خوشيءَ منجهان چيو، ”هوءَ ستن رنگن واري اندلٺ ....“

” اوهه....“

”۽ هي ڳوڙ ٽون پڊين تي، جيڪو ڪڪرن جي پنيان، چوٽيءَ تان پيو اچي؟“

”اهو ڳوڙ ناهي-“ هن خوشيءَ منجهان چيو، ”اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

اسانجي ٻارن جو گيت آ!“

”ڇا اهي هوا کي وٺي ايندا؟“ مون پنهنجي محبوبا جي نيڻن ۾ ڏسندي چيو.

هن ڪوبه جواب نه ڏنو – پر اسان ٻئي چوٽيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳاسين، ۽ هٿ ۾ هٿ ڏئي انهيءَ واديءَ ۾ ٻهي انتظار ڪرڻ لڳاسين، جتي هوا نه هئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# ڏنهن ڄي ڏالي ۾ ....

ڀاڍوڪي جي رهندڙ لهنا سنگهه، چڪ جهمرا جي رهاڪو مکڻ سنگهه خلاف ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو.

چڪ جهمرا ۽ ڀاڍوڪي هڪ ٻئي جي پر ۾ ئي هئا، ۽ ٻنهي ڳوٺن جون حدون به هڪ ٻئي سان لڳ هيون. هنن جو جهيڙو به ٻنهين جي حد بندين جو هو. مکڻ سنگهه ۽ لهنا سنگهه جون ٻنيون لڳو لڳ هيون، ۽ هڪ ٻنيءَ جي سلسلي ۾ عرصي کان هنن جي اڻ بڻت هئي. لهنا سنگهه انگريزن جي زماني ۾ به هڪ دفعي مکڻ سنگهه سان جهيڙو ڪيو هو، پر ان وقت لهناسنگهه جي ئي مات ٿي هئي.

لهنا سنگهه ڏاڍو جهڙيڪار چٽ هو، پر ان جي ابتڙ مکڻ سنگهه شرافت ۽ سادگيءَ جو نمونو هو. مکڻ سنگهه اڄ تائين ڪنهن سان جهيڙي جو سوچيو به نه هو- هو انهيءَ کان اڳ زندگيءَ ۾ فقط هڪ وار عدالت ۾ ويو هو، ۽ اهو به لهنا سنگهه جي شرارت سبب. اهو انگريزن جو زمانو هو، ۽ .... شام داس لهنا سنگهه سان پڌل هو، پر پوءِ به واهگوروءَ مکڻ سنگهه جي لڄ رکي ۽ ڪيس ختم ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”چڱو، چڱو،“ مکڻ سنگهه ڏاڍي نماڻي لهجي ۾ جواب ڏنو، ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي اندر هليو ويو.

عدالت جي ڪنهڙي جي هيٺان پيشڪار فائيل ڏسي رهيو هو. اهو سڪل منهن، ڊگهي ... ۽ گدلي پڳ مٿي تي رکيل پيشڪار هو. مکڻ سنگهه، ڪيس به پئي هٿ ٻڌي سلام ڪيو ۽ چيو، ”مونکي ڪيس جو نقل گهرجي!“

”ڪهڙي ڪيس جو؟“

مکڻ سنگهه نمبر ۽ تاريخ سڀ چڱيءَ طرح ٻڌايا. پيشڪار هيڏانهن هوڏانهن جي فائيلن کي ... نڪ ڪنهائين، چنگهه ڪنهيائين، مٿو کنهيائين؛ ... هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تلخيءَ منجهان چيائين، ”هن مهل مونکي تنگ نه ڪر، عدالت جي مهل پئي ٿئي. ڏيڍ وڳي اچجانءِ، ڪيڏي رکندس. هان! سمجهيئي؟“

”حاضر حاضر!“ مکڻ سنگهه هٿ ٻڌي، ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو، ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ڪيس عدالت جي ڪارروائي ڏسڻ جو شوق نه هيو ڪونه ۽ سندس ڪم به ڏيڍ وڳي ٿيڻو هو، ۽ هي پراڻو شهر به ننڍي لاءِ جو ڏٺل هوس، تنهن ڪري بس عدالت کان ٻاهر پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهڻ کي ئي چڱو سمجهيائين.

پوءِ يارهين ... ڳي عدالت جو اجلاس شروع ٿيو. ڪمرو ماڻهن ... ڀرجي ويو هو، ۽ وڪيل ڪنهن مهل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڪرڙو پونڊو!

جڏهن ڏيڍ وڳو، ۽ عدالت مانجهاندي لاءِ اٿي وئي تڏهن مکڻ سنگهه وري ڊچندي ڊچندي اندر گهڙيو. هو منڊڪائيندو پيشڪار وٽ وڃي پهتو، ۽ ڪيس ٻڌائين،

”ڪيس جو نقل تيار آ سائين؟“

”ها، تيار آ- وٺ!“ پيشڪار نقل ڪڍي مکڻ سنگهه جي هٿ تي رکيو. مکڻ سنگهه کيسي مان ٻه روپيا ڪڍي پيشڪار جي هٿ تي رکيا.

پيشڪار چڙو منهن ڪري چيو، ”چڏ چڏ- پنج روپيا لڳندئي!“ ۽ هن نقل مکڻ سنگهه کان ڇڪي ورتو.

”پر اڳي ته تو ٻه روپيا ورتا هئا- لهنا سنگهه جي ڀيرين ڪيس ۾، فرنگين جي ڏهاڙن منجهه!“ مکڻ سنگهه چيو.

”تڏهن پيا ڏينهن هئا، هاڻ ته پنج ئيندئي. سائينءَ جو چوڻ آ!“

”سائين جو!؟“ مکڻ سنگهه حيرت منجهان چيو.

”ها-“ چالاڪ پيشڪار چيو، جيڪڏهن مونتي اعتبار نه هجئي ته انهيءَ تصوير ڏانهن ڏس!“ پيشڪار هٿ جي اشاري سان ڀت تي لڳل تصوير ڏانهن اشارو ڪيو- اها گانڌيءَ ۽ نهروءَ جي اهاڻي مشهور پراڻي تصوير هئي، جنهن منجهه ٻئي اڳواڻ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي مرڪي رهيا آهن، ۽ گانڌيءَ جو هٿ سمجهائڻ واري انداز سان مٿي کڃيل آهي ۽ سندس پنج ئي آڱريون

ڪليل آهن.

”پاڻ ڏس!“ پيشڪار چيو، ”سائين چوي ٿو، پنج رپيا، پورا پنج!“

ابوجهم هاريءَ انهيءَ تصوير ڏانهن ڏٺو، جيڪا چڱن آڳريون ڪٽي سمجهائي رهي هئي، ها، هاڻي پورا پنج. مکن سنگهه تصوير ڏانهن ڏسي پنهنجي هٿ پڳدا، ۽ پوءِ پنهنجي گوڏ جي ڪنڊ ۾ ٻڌل پنجين روپين جو نوٽ ڪڍيائين ۽ نوٽ پيشڪار جي هٿ تي رکي نقل وٺي ٻاهر نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# خالي پيڀنگهو ۽ ٻڪ

منهنجي هٿ ۾ هڪ عينڪ آ. ماڻهو انهيءَ کي عينڪ چوندا آهن، پر منهنجي خيال ۾ هي ڇڙو شيشي جا ٽڪرا آهن، جيڪي پلاسٽڪ جي ڪمانيءَ ۾ ايئن ڦاسايا ويا آهن، جيئن سماج جي ڪمانيءَ منجهه انسان جي زندگي ڦاسائي ويندي آ. اها زندگي ٽٽي سگهي ٿي، پر انهيءَ ڪمانيءَ کان ٻاهر نڪري نٿي سگهي! اهوئي حال هنن شيشي جي ٻن ٽڪرن جو آ.

پر پلاسٽڪ جي ڪمانيءَ ۾ ڦاٿل شيشي جا هي ٻه ٽڪرا ڪا معمولي شيءِ ناهن، ڇو ته جڏهن مان انهن کي پنهنجي اکين تي رکندو آهيان ته منهنجي اکين آڏو سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ ايندو آ، اهو سڀ ڪجهه، جيڪو انهيءَ کان اڳ ڏسڻ ۾ نه ايندو آ— يا ڌنڌلو ۽ ڪجهه پُرسرار نظر ايندو آ. پر عينڪ پائڻ سان سڀ ڪجهه صاف نظر ايندو آ. ڄڻ ڌنڌ ختم ٿي ويو هجي، ۽ هر شيءِ فوڪس ۾ هجي. منهنجي خيال ۾ شيشي جي هنن ٻن ٽڪرن جو ڪو ٻيو فائدو هجي يا نه، پر اهو فائدو ضرور آ ته هي ٽڪرا انسان جي اکين کي ٺيڪ ڪري ڇڏيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڏرڪندي آفريڪا جي خبر ڪان بہ اڳتي، هڪ تصوير ٽي اچي بيهي رهي، ۽ شيشي جا ٽڪرا فوڪس ۾ اچي ويا. اها آفريڪا جي ڪنهن وڏي ليڊر جي تصوير نہ هئي. اها دريا گنج جي هڪ يتيم خاني جي تصوير هئي، جنهن جي ٻاهران هڪ پينگهي ٽنگيل هو، جيئن ماڻهو حرامي ٻارن کي ڪنهن ڪسيءَ يا گند جي ڍير تي ڦٽي ڪرڻ بجاءِ انهيءَ پينگهي ۾ رکي وڃن! ڪهڙو نہ سٺو ۽ نيڪ خيال هو! جنهن بہ اها ڳالهہ سوچي هئي، انهيءَ جي ذهن کي داد نہ ڏيڻ وڏو ظلم ٿيندو. مون اکيون ڇنڀيون، ڌيان سان انهيءَ پينگهي ڏانهن ڏٺو، ۽ اک ڇنڀ ۾ ئي مان اٿي هوس.

پڪي رنگ جي هڪ عورت انهي پينگهي ۾ هڪ ٻار رکي، گهنٽي وڄائي، تڪڙ ۾ موٽڻ لڳي.

”هيڏي- هيڏي- ٻيهہ.“

مون رڙ ڪري کيس چيو، پر هن ڊوڙ پاتي، ۽ اڳتي ئي گهٽي ۾ [illegible] رڙي، مون پينگهي ۾ پيل ٻار ڏانهن ڏٺو، ۽ ٻئي پل عورت ڏانهن ڊوڙ پاتم ۽ ٻئي گهٽيءَ جي موڙ وٽ وڃي سندس اڳ جهليم. هوءَ سهڪندي وڃي هڪ ڊرگ اسٽور جي ورانڊي ۾ ويهي رهي. مون کي ويجهو ايندي ڏسي سندس پريشانيءَ ۾ واڌارو ايندو ويو. مون سندس ويجهو ويندي چيو، ”توکي شرم نٿو اچي؟ پنهنجو ٻار پينگهي ۾ ڇڏي آئي آن!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

پر بلڪل ويجهو اچڻ سان ڇاتم ته منهنجو ڪائنس ايئن سوال ڪرڻ مناسب نه هو. ڇو ته هوءَ عمر جي ان حصي ڪان لنگهي چڪي هئي، جنهن ۾ ٻار ٿيندا آهن.

هن منهنجي سوال جو ڪوبہ جواب نه ڏنو، ڇو ته هوءَ ڏاڍو ڏڇي وئي هئي. هن منهنجي ٻنهي ٻيرن کي جهلي، ٻنهنجو مٿو انهن تي رکي ڇڏيو.

”ڪنهن جو ٻار آ؟“ مون رعب سان پڇيو.

”منهنجي ڏيءَ جو!“ هن روئندي چيو.

”ڪاٿي رهندي آن؟“

”سرڪي دالان واري گهٽيءَ ۾.“

”ٻار کي موتائي ڪٿي ويچ.“

”نٿي ڪٿي سگهان.“ پوڙهي عورت روئندي منهن مٿي ڪيو، ”اڇا ته ٻنهنجي ڏيءُ کي بہ ٻاڙي ۾ موتائي نٿي وڃي سگهان. ماڻهو ڇا چوندا، برادري ڇا چوندي؟ منهنجي ڏيءَ ڪنواري آ— سندس پيءُ کي ته ٻار جمڻ جو پتو ئي ڪونهي— ڪيس سڌ پئجي وئي ته هو منهنجي ڏيءُ جي سسي لاهي رکندو!“

”ءُ اهو بدمعاش ڪٿي آ، جنهن .... جنهن ....“

”هن ٻنهنجي بدلي دهليءَ ڪان ٻاهر ڪرائي ڇڏي آ— اگهہ ته چوندو هو، شادي ڪندس— پر پوءِ بدلي ڪرائي مدراس هليو ويو!“

”ته ڪيس مدراس وڃي سوگهو ڪيو، ڪيس وڃي ڪيوس.“

ڪٿي پنهنجا لڙڪ اگهيا، ۽ مون ڏانهن خوشيءَ ۽ اميد ڀريل نظرن سان ڏسندي چيائين، ”پٽ! ڇا تون .... تون ... منهنجي ڀڄڙيءَ سان شادي ڪندين؟“

”مان– هان– مان!!“ مان گهٻرائجي ويس، ”منهنجي ڳالهه ته ٻي آ .... منهنجو مطلب آ ته منهنجي شادي ٿيل آ–“ مون ٽڪڙ ۾ ڪوڙ ڳالهايو.

پوڙهي عورت مون ڏانهن ايئن ڏسڻ لڳي، ڄڻ پنهنجي سامهان ڪنهن ٻئي حرامي ٻار کي ڏسندي هجي! هوءَ گهڻي دير تائين سانت ۾ ڏسندي رهي– پوءِ جڏهن مون ڪٿي پنهنجون نظرون هيٺ ڪيون، تڏهن هن ٿڌو ساهه کڻي ”هاءِ رام“ چيو، ۽ پنهنجي گوڏن کي هٿن جو سهارو ڏئي اٿي، ۽ مون ڏانهن ڏسڻ بنان چپ ڪري اتان هلي وئي.

مان پينگهي ڏانهن موٽي آيس، ۽ هڪ اهڙي ڪنڊ ۾ ويهي رهيس، جتان مان ته پينگهي کي ڏسي سگهيس ٿي پر ڪوئي ٻيو مونکي نٿي ڏسي سگهيو. مون کي آنهي پوڙهيءَ جي سوال تي ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي– هون! گناهه ڪو ٻيو ڪري، ۽ سزا وري مان ڀوڳيان!! عيش هڪڙو ڪري ۽ قيمت چڪايان مان! اهڙو بيوقوف ته مان به نه ناهيان. پر سائين، اها ڪهڙي شرافت آ ته جيڪو سٺي صلاح ڏي، اها صلاح به وري سندس ئي پلئه سان ٻڌجي! منهنجي چوڻ جو مطلب ته فقط اهو هو ته هن ملڪ ۾ سوين، هزارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

وَر وَر ڪري پوڻتي مونڊانهن ڏنو ٿي، ۽ مان پنجاهه
والن جي مفاصلي تان ايئن سندس ڪڍ وڃي رهيو هوس،
جڻ مون سندس پيڇو نه پئي ڪيو، پر جڻ گهران
تفريح خاطر ٻاهر نڪتو هوس.

دريا گنج کان اڳتي وڃي، هوءَ ٻيت ڪي ٽيڪ ڏئي
بيهي رهي. سندس سامهان آصف علي مرحوم جو بت هو.
ڇوڪريءَ جي ساڄي پاسي، بلڪل ويجهو هڪ اونهين
ڪاهي هئي؛ ۽ کابي پاسي کان هڪ فلم جو پوسٽر لڳل
هو، ”دل اپنا، پريت پرائي.“ مان ڏاڍي آرام سان
سگريٽ دکائي سندس پرسان ويس. هوءَ منهن ٻئي پاسي
ڪيو بيٺي هئي. ”هيلو!“ مون آهستي چيو، ”پريت
پرائيءَ جو نتيجو ڇا نڪتو؟“

هن ڪاوڙ منجهان مونڊانهن منهن ڪري چيو،
”جيڪڏهن تو اڇا به منهنجو پيڇو ڪيو ته مان پوليس
کي اطلاع ڪنديس!“

”مان به اهوئي ته چاهيان ٿو، ته مونسان گڏ
پوليس اسٽيشن هل ۽ منهنجي شڪايت هلي ڪر- ۽
مان انهيءَ ڇوڪريءَ جي شڪايت ڪيان، جيڪا
هاڻي هاڻي پنهنجو ٻار يتيم خاني جي پينگهي ۾ رکي
آئي آ!“

”اهو نسورو ڪوڙ آ- تو وٽ ڪهڙي ثابتي آ؟“

”ثبوت ته ڊاڪٽر ڏيندو!“ منهن نئهن کان ڇوٽيءَ
تائين ڪيس ڏسندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

هن جون ساڙيندڙ نظرون ٽڏيون ٿي ويون، جڏهن اوچتو بجليءَ جو سئچ آف ٿي ويو. سندس سندر چهري تي ڪاراڻ اچي وئي، ۽ هن ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو، ”گهڻا پئسا گهرجني؟“

چيم ”گهڻا ڏئي سگهندينءَ؟“

اسانجي سامهان پوليس جو هڪ سپاهي اسانکي گهوريندو لنگهي ويو. هوءَ ڊڄي وئي. چيائين، ”هل، ڪار ۾ هلي ويهه، اتي ڳالهائينداسين.“

جڏهن ڪار ۾ آئي آن! مون دل ۾ چيو، ۽ هن سان گڏ هلڻ لڳس. ساڻس گڏ هلڻ سان مونکي احساس ٿيو ته هوءَ وڏي- پوري قد واري ڇوڪري آ، ۽ سندس چيلهه ڏاڍو دلڪش نموني لڏي ٿي. سندس وارن مان گلن جي سڳنڌ ٿي آئي، سندس ساڙيءَ جو ڪپڙو ڏاڍو مهانگو، ۽ سندس ڪار جو ماڊل فقط ٻه سال پراڻو هو. اسان اڳتي وڃي، سندس ڪار جي پٺيئن سيٽ تي وڃي رهي رهياسين. هن اندر ويهي پنهنجي ڪنن منجهان واليون لاٿيون، پوءِ ڪنگڻ لاٿائين، پوءِ پرس کولي پنج سئو روپيا ڪڍيائين، ۽ سڀ منهنجي هٿ تي رکندي چيائين، ”وٺ هي سڀ، پر منهنجي جان ڇڏ.“

”هي ته تمام ٿورو آ!“ مون منهن گهنجائيندي چيو.

”اڇا پلا ڇا گهرجني!؟“ مغرور ڇوڪريءَ ڪاوڙ منجهان چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

”مان چاهيان ٿو تہ تون پنهنجي ٻار کي واپس کڻي وڃ.“

”نامڪن آ- مان ڪنواري آهيان-“

”ڪنواري تہ ناهين، پر اهو ڪٽي چئہ تہ شدي شده ناهين!“

”ڇگو، ايئن ئي سهي- پوء؟“

”پوء تون انهيءَ شخص سان شادي ڇو نٿي ڪرين، جنهن سان توکي اهڙي محبت آ .... تون ڏادي سهڻي آهين، مان نٿو سمجهان تہ ڪو هو توسان شادي نہ ڪندو!“

”هو تہ ڪرڻ ٿو چاهي، پر مان نٿي ڪرڻ چاهيان-“

”شايد هن واقعي کان پوء توکي هن کان نفرت ٿي وئي آ!“

”نہ، مونکي هن سان شديد محبت آ.“

”توکي ساڻس محبت آ!“ مون حيرت منجهان چيو، ”ءِ هو توسان شادي ڪرڻ لاء تيار بہ آ تہ پوء تون انڪار ڇو ٿي ڪرين!؟“

”هو غريب آ، منهنجو خرچ پورو ڪري نہ سگهندو.“

”پوء تون پنهنجو خرچ گهٽائي ڇڏ.“

”اهو ممڪن ڪونهي.“ هن فيصلو ڏنو، ”منهنجي سيني ساهيڙين وڏن وڏن ماڻهن سان شاديون ڪيون آهن؛ مان بہ ايئن ئي ڪنديس. مون کي نئين دهليءَ ۾ هڪ وڏي نوڪري آهي، مان هڪ غريب ماڻهوءَ

سان شادي ڇو ڪيان !؟"

"آئي سي!" مون سوچيندي چيو، "ڇڱو تون هيئن ڪر، جو اهو ٻار، جيڪو توهان ٻنهي جي محبتن جو ثمر آهي، سندس پيءُ جي حوالي ڪري ڇڏ- مان سمجهانٿو ته هو انهيءَ کي تنهنجي پيار جي آخري نشاني سمجهي ضرور قبول ڪندو."

"مان انهيءَ کي اهو ٻار نٿي ڏئي سگهان!"

"ڇو؟"

"ڇو ته اهو ٻار انهيءَ جو ناهي، جنهن سان مونکي محبت آ."

"جنهن سان توکي محبت آ، هي ٻار انهيءَ جو ناهي ته ڪنهنجو آ!؟" مون حيرت منجهان چيو.

"هي منهنجي هڪ دوست جو ٻار آ!"

"ته ڇا تنهنجو ٻار ناهي؟"

"آهي ته منهنجو، پر انهيءَ مان ناهي، جنهن سان مونکي محبت آ- هي ٻار جو پيءُ هڪ بزنس مين آ، جيڪو منهنجو دوست آ."

"پوءِ تون انهيءَ واپاريءَ سان ئي ڇو نٿي شادي ڪرين: هو تنهنجو خرچ به برداشت ڪري سگهندو، ۽ هن معصوم ٻار کي سندس پيءُ به ملي ويندو!"

"نه- مان انهيءَ واپاريءَ سان شادي ڪري نٿي سگهان." هن ڏاڍي آرام سان چيو، "ڇو ته مونکي ساڻس محبت ڪانهي."

”جيڪو توکي پسند آهي، انهيءَ جو هي پار ٺاهي، ۽ جنهنجو هي پار آهي، اهو توکي پسند ناهي- پوءِ تون شادي ڪندينءَ ته ڪنهن سان؟ تنهنجو مسئلو ته ڏاڍو منجهيل آ!“

”خوبصورت ڇوڪرين جا مسئلا جلدي حل ٿي ويندا آهن مسٽر!“ هوءَ کلڻ لڳي، ۽ سندس سهڻا ڏند ٿوري دير لاءِ گلاب جي پنکڙين جهڙن چپن جي وچ ۾ چمڪڻ لڳا. هوءَ يقينن ڏاڍي سهڻي هئي، پر سندس سونهن نرم ۽ گرم ڪنهن شيءِ جي ياد نٿي ڏياري، سندس سونهن ڏسي ڪائي سخت ۽ چمڪندڙ شيءِ پئي ياد آئي. جيئن موتي يا سون- سهڻو، پر سخت!

هن منهنجي ٻانهن تي ٺڪڪي هڻندي چيو، ”تون منهنجي چنتا نه ڪر- مونکي منهنجي مطلب جو مڙس ملي ويندو. اهڙو جيڪو منهنجي غريب عاشق جيان سهڻو هجي، منهنجي واپاري دوست جيان مالدار هجي، ۽ منهنجي پسند وٺان به.“ پوءِ هن ڪار جو در کوليندي چيو، ”هاڻي تون پنهنجو مال سنڀال، ۽ گاڏي مان هيٺ لهي وڃ؛ جلدي ڪر، شاباس.“

مان سيٽ تي ڄمي ويهي رهيس. چيم، ”جيڪڏهن اها ڳالهه آ ته تون هن گاڏيءَ مان لهي وڃ!“

”مان ڇو لهي وڃان؟“ هن حيران ٿي پڇيو.

”نڪري ته جيڪڏهن تون پنهنجي پسند جي ڪري پنهنجي پيار کي قربان ڪري سگهين ٿي، ته پوءِ انهي

واپس ورڻ لڳي، ڪنڌ هيٺ ڪري. مان سندس ڪيڏ وجهڻ لاءِ اٿڻ وارو ئي هوس ته اونداهن پاڇن ۾ اها عورت واپس ورندي نظر آيم. واپس اچي هن پنهنجي ٻار کي کنيو، ڇاتيءَ سان لاتائينس، ۽ ڪيس ڪٽي واپس ورڻ لڳي- پر اڳتي وڃي، هوءَ وري موٽي آئي، ۽ ٻار کي وري پينگهي ۾ رکي ڊوڙندي هلي وئي.

سنگهه برادرز جي موٽر گيراج وٽان جيڪو رستو لال قلعي ڏانهن ويندو آ، اتي پهچي مون پويان سندس، پلئه ۾ هٿ وڌو. اوچتو منهنجي حيرت حد ڪا حد نه رهي، جڏهن ڏٺم ته مون جنهن کي عورت سمجهيو هو، اهو هڪ اڌڙوٽ مرد آ- سندس ڇهري تي الائجي گهڻن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهي هئي، ۽ گهٽو روئڻ ڪري سندس اکيون سڄي پيون هيون. مون سخت لهجي ۾ کائنس پڇيو، "تون ڪنهنجو ٻار رکي آيو آن پينگهي ۾؟"

هو ڪي پل ڦاٿل اکين سان مونڏانهن ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ منهنجي پيرن تي ڪري پيو، ۽ منٿون ڪري چوڻ لڳو، "مونکي معافي ڏيو، صوبيدار صاحب!"

هن مون کي سي آئي ڊي جو ڪوئي آفيسر سمجهيو هو، ۽ منٿون ڪري مون کان معافيون پئي ورتائين. مون به سندس غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. "ڪنهن جو ٻار آ!؟" مون وري سختيءَ سان کائنس پڇيو، "جلدي ٻڌاء؟"

”منهنجو ٻار آ!“

”حرام جو ٻار آ؟“

”نه منهنجا سائين، منهنجي زال منجهان آ!“

”تنهنجي زال منجهان آهي ته پوءِ ڪيس پينگهي ۾ ڇو رکي آيو آن؟ تنهنجي زال ڪهڙي ماءُ آ جو توکي اهڙي ڪم جي موڪل ڏني اٿائين!“

”منهنجي زال مري چڪي آ سائين! ڏهاڪو ڏينهن ٿيا آهن، هوءَ مهيني جو ٻار ڇڏي مري وئي! گهر ۾ جيڪي ڪجهه هيو، اهو سندس ڪفن دفن ۾ پورو ٿي ويو. مان ڇهن مهينن کان بيروزگار آهيان، ڪٿي ڪو ڌنڌو ملي نٿو، گهر ۾ پنج ٻار آهن، هي ڇهون، معصوم ڙو ڪالهه کان بک ۾ سڏڪي رهيو هو ـــ ٽن ڏينهن کان سڀ ٻارڙا بک تي آهن، پر ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان هن معصوم لاءِ کير جو بلو ڪندا رهياسين ـــ ڪالهه رات کان ته هن معصوم لاءِ به ڏيک کير جا به نه مليا! ڪهڙي دنيا آ مالڪ ... ٽن ڏينهن کان منهنجا سڀ ٻار مونسان گڏ لنگهڻ تي آهن .... هو مري ويندا .... مان به مري ويندس .... مون سوچيو، يتيمخاني وارا هن معصوم جي پالنا ڪندا، انڪري کيس اتي رکي آيو آهيان!“

”توکي خبر آ هو اتي ڪيئن رهندو؟ پيءُ هوندي به سڄي عمر هو حرامي ليکبو!“

”پر جيئرو ته رهندو!“ هن پنل اکين سان مونڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

ڏنو، ۽ وري ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.
اڌ رات-
پينگهو خالي آ-
انسان جي دل جيان!
انسان جي بک جيان-!!
مان ڏاڍو ڏکجي پيو آهيان- ۽ مون جيڪي ڪجهه
اڄ ڏٺو آهي، ان ڪان پوءِ گهر واپس به نٿو ورڻ چاهيان-
مان ڏکجي، انهي پينگهي ۾ ٿي ڪري پوڻ ٿو چاهيان-
پر هي پينگهو ڏاڍو ننڍو آ- ۽ اسان جا گناهه تمام
وڏا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# منهنجي
# حياتيءَ جا
# سونا روپا
# ورق

مشهور ليکڪا **پوپٽي هيرانندانيءَ** جي آتم ڪهاڻي
رهاڻي ڪان اڳ جي حيدرآباد جو لڪين ڏنو احوال.
بيحد سهڻو ٽائيٽل صفحا ١٥٠ قيمت: ڏهه روپيا

## زهر جهڙي زندگي ....

نئين ڪهاڻيڪار
**ماڪن شاهه رضوي**
جون سهڻيون ڪهاڻيون

سهڻو ٽائيٽل قيمت: ڇهه روپيا

گهرائڻ لاءِ:
سهڻي پبليڪيشنس
الهندو ڪچو
حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ڪتابن جو مکيہ مرڪز

# سگنڌ ڪتاب گهر

— هر نئون سنڌي ڪتاب پڌرائيءَ جي پهرين ڏينهن موجود.

— سنڌي ڪتابن جي وڪري لاءِ اسين اوهانجا سدا مددگار ثابت ٿيندا آهيون.

سگنڌ ڪتاب گهر
ميونسپل شاپنگ سينٽر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

# سڳنڌ پبليڪيشنس جا ٻيا ڪتاب

---

ڇپيل ڪتاب:

## — سوچ کي لوڇ

برک شاعر ذوالفقار راشديءَ جي جيئرن جاڳندڙ جذبن جي جرڪندڙ شاعريءَ جو ڳٽڪو، ڊيمي سائيز، ٻه سئو چاليهه صفحا، چار رنگو خوبصورت ڪارڊ ڪـَور، قيمت ويهه روپيا.
(هرڪتاب سان گڏ ٣٤ صفحن جو بروشر مفت)

ايندڙ ڪتاب:

## — ڪسوٽي

ذوالفقار راشديءَ جا ڇپيل/اڻ ڇپيل تنقيدي ليک. ڏيڍ سئو ڪان وڌيڪ صفحا، وائيٽ پيپر، ڊيمي سائيز، ڪارڊ ڪـَور، قيمت پندرهن روپيا.

## — پيڪنگ پچارون

ڊاڪٽر سليمان شيخ جو چائنا جو سفرنامو.

## — .....................؟

زيب سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو نئون ڳٽڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com.

موهن جي دڙي جي پنج هزار سال پراڻي مٽيءَ کي ته ڏسو، انهيءَ جي ذري ذري ۾ ڀراٽين کهاڻين جي سڳنڌ آ.... انهيءَ مٽيءَ منجهان چوڙيون ٺهيون هيون، جن کي موهن جي دڙي جي عورت پنهنجي نازڪ ڪرائيءَ ۾ پاتو هو. انهيءَ مٽيءَ منجهان موهن جي دڙي جي ٻارڙن ننڍڙا گهرڙا ٺاهيا هئا، انهيءَ مٽيءَ ۾ اڄ کان پنج هزار سال اڳ جي عاشق کي پوريو ويو هو... پڙهو! هي پنج هزار سال پراڻي مٽي ڇا ٿي چوي، ڇا ٿي پڙهائي، ڪهڙي فرياد ٿي ڪري؟

(ڪهاڻي ”موهن جي دڙي جو خزانو“
ٽان ڪوريل)

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناданيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book